سنڌي ترجمو

# بدگماني

## بدگماني جي باري ۾ تفصيلي معلومات تي مشتمل رسالو


نقصان ۾ پوڻ وارو تاجر 11

گمان ڇا کي چوندا آهن؟ 14

بدگماني کان بچڻ جا 3 فرمان 19

بدگماني تي حڪم شرعي ڪڏهن لڳندو 20

بدگماني جا 12 علاج 34

ڀين کي بدگماني کان بچايو 50

هن کان علاوه ٻيا گهڻا موضوع



مڪتبة المدينه (دعوت اسلامي)

مدني چينل ڏسندا رهو

المدينة العلمية (دعوت اسلامي)

# بَدگُماني

پيشڪش: مجلس المدينة العلميہ
(دعوت اسلامي)

## مجلسِ تراجِم

هن ڪتاب جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمو ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي تہ **مجلس تراجم** کي آگاهہ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


رابطي جي لاءِ: مڪتب مجلس تراجم (دعوت اسلامي)

عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران

پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي

فون نمبر: 021_34921389_90_91

E-mail: majlistarajim@dawateislami.net

# فهرست


| عنوان | صفحو |
| --- | --- |
| درود شريف جي فضيلت | 11 |
| نقصان ۾ پوڻ وارو تاجر | 11 |
| ڪثرتِ گُمان جي مُمَانعت | 14 |
| گُمان ڇا کي چوندا آهن؟ | 14 |
| گُمان جا قسم | 15 |
| بد گُماني جي جائز ٿيڻ جون صورتون | 15 |
| بد گُماني مَمنوع آهي | 19 |
| بدگُماني تي حڪمِ شرعي ڪڏهن لڳندو | 20 |
| بدگُماني جي حرام هجڻ جون ٻه صورتون | 20 |
| بدگُماني جون تباهه ڪاريون | 23 |
| بدگُماني جي خوفناڪ آفت | 25 |
| 5 حڪايتون | 27 |
| سوداگر جي توبه | 27 |
| بدگُماني ڪرڻ واري ٻانهي | 29 |
| ولي جي طاقت | 31 |
| سهڻي رنگ وارو صُوف | 32 |
| شاهي دربار ۾ سِفَارِش | 33 |
| بدگُماني جا 12 علاج | 34 |
| حُسنِ ظن جي باري ۾ 5 روايتون | 37 |
| سُنو گُمان عبادت آهي | 37 |
| بدگُماني تي اَٽل نه رهو | 37 |
| سُٺي صورت تي محمول ڪيو | 39 |
| مسلمان جو حال حتيٰ الامڪان چڱائي تي محمول ڪرڻ واجب آهي | 40 |
| مسلمان سان حُسنِ ظن رکڻ مُستَحَبّ آهي | 41 |
| عبادت گذار فقير | 41 |
| گُمانن کان بچو | 43 |
| سلامتي جي واٽ: | 44 |
| حسنِ ظن ۾ ڪو گُناهه ناهي: | 44 |
| سچي سال جي محرومي | 46 |
| 7 رُوحاني علاج | 48 |
| ڪوشش جاري رکو | 49 |
| ٻين کي بدگُماني کان بچايو | 49 |
| بدگُماني کان بچائڻ جون ٽي حڪايتون | 50 |
| هي منهنجي گهر واريءَ آهي | 50 |
| اَرَنڊي جو تيل | 51 |
| هي آبِ زم زم آهي | 53 |
| مدني ماحول اپنايو | 53 |
| فيشن ايبل نوجوان جي توبه | 54 |
| نَمازي ٻڌجي ويا | 57 |

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

## ”بدگماني کان بچو“ جي 13 اکرن جي نسبت سان ڪتاب پڙهڻ جون 13 نيّتون .

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم : نِيَّةُ الۡمُؤۡمِنِ خَيۡرٌ مِنۡ عَمَلِهٖ يعني **”مسلمان جي نيّت ان جي عمل کان بهتر آهي.“**
(اَلمُعجَمُ الکَبِير لِلطَبَراني ج6 ص 185 حديث 5942)

**ٻه مدني گُل:**

**(1)** سني نيّت کان بغير ڪنهن بہ چڱي عمل جو ثواب ناهي ملندو.
**(2)** جيتريون سنيون نيّتون گهڻيون، اوترو ثواب بہ گهڻو .

**﴿1﴾** هر ڀيري حمد و **﴿2﴾** صلوٰۃ ۽ **﴿3﴾** تعوُّذ و **﴿4﴾** تَسمِيّہ سان شروعات ڪندس . (هن ئي صفحي تي مٿي ڏنل ٻن عربي عبارتن کي پڙهڻ سان چئني نيّتن تي عمل ٿي ويندو) **﴿5﴾** رضاءِ الاهي عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ هن ڪتاب جو اول کان آخر تائين مطالعو ڪندس **﴿6﴾** وس آهر هن جو باوضو ۽ **﴿7﴾** قبلي ڏانهن منهن ڪري مطالعو ڪندس **﴿8﴾** قرآني آيتن ۽ **﴿9﴾** احاديثِ مبارڪ جي زيارت ڪندس **﴿10﴾** جتي جتي ”اَللّٰه“ جو پاڪ نالو ايندو اتي عَزَّوَجَلَّ ۽ **﴿11﴾** جتي جتي ”سرڪار مدينہ“ جو اسم مبارڪ ايندو اتي صَلَّی اللّٰہُ تَعَالٰی عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پڙهندس **﴿12﴾** (پنهنجي ذاتي ڪتاب تي) ”ياد داشت“ واري صفحي تي ضروري نڪتا لکندس **﴿13﴾** ڪتابت وغيره ۾ شرعي غلطي ملي تہ ناشرين (شايع ڪندڙن)کي تحريري طور تي آگاهہ ڪندس . (ناشرين و مُصَنِّف وغيره کي ڪتابن جون غلطيون صرف زباني ٻُڌائڻ خاص فائديمند ناهي هوندو)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡن
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ط بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ط

# اَلمدينةُ العِلمِيّة

**از: شيخ طريقت، امير اهلسنت ، باني دعوتِ اسلامي ، حضرت علام مولانا**

**ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي** دامت بركاتهم العاليه

اَلۡحَمۡدُ لله عَلي اِحسَانِهٖ وَبِفَضۡلِ رَسُوۡلِهٖ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**تبليغ** قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريک **"دعوت اسلامي"** نيکي جي دعوت، اِحياءِ سنّت ۽ اِشاعتِ علمِ شريعت کي دنيا ڀر ۾ عام ڪرڻ جو پڪو عزم رکي ٿي، انهن تمام ڪمن کي سهڻي نموني سرانجام ڏيڻ جي لاءِ متعدد مجالس جو قِيام عمل ۾ آندو ويو آهي جن مان هڪ مجلس **"المدينة العلمية"** بہ آهي جيڪا **دعوتِ اسلامي جي علماء ۽ مفتيانِ ڪرام** ڪَثَّرَهُمُ اللهُ تعاليٰ تي مشتمل آهي جنهن خالص علمي، تحقيقي ۽ اِشاعتي ڪم جي ذميداري کنئي آهي . ان جا هيٺ ڏنل ڇهہ شعبا آهن:

(1) **شعبہ ڪُتُبِ اعليٰ حضرت** رحمة الله تعاليٰ عليه
(2) **شعبہ درسي ڪُتُب**
(3) **شعبہ اِصلاحي ڪُتُب**
(4) **شعبہ تراجمِ ڪُتُب**
(5) **شعبہ تفتِيشِ ڪُتُب**
(6) **شعبہ تَخرِيج**

**"المدينة العلمية"** جي پهرين ترجيح سرڪارِ اعليٰ حضرت عظيم البرڪت، عظيم المرتبت، پروانہ شمع رسالت، مجدد دين و ملت، حامي سنّت، ماحي بدعت، عالم شريعت، پير طريقت، باعث

خير و برڪت، حضرت علامہ مولانا الحاج الحافظ القاري الشّاہ امام احمد رضا خان عليہ رحمۃ الرّحمن جي شاھڪار تصنيفن ڪي موجوده زماني جي تقاضن جي مطابق حتي الوُسع آسان اُسلوب ۾ پيش ڪرڻ آهي. تمام اسلامي ڀائر ۽ اسلامي ڀينرون هن علمي تحقيقي ۽ اِشاعتي مدني ڪم ۾ هر ممڪن تعاون فرمائن ۽ مجلس جي طرفان شايع ٿيڻ وارن ڪتابن جو پاڻ بہ مطالعو فرمائن ۽ ٻين کي بہ انهن جي ترغيب ڏيارين .

اللہ عَزَّوَجَلَّ "**دعوتِ اسلامي**" جي تمام مجالس بشمول "المدينۃ العلميۃ" کي ڏينهن ٻارهين ۽ رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي ۽ اسان جي هر عملِ خير کي اخلاص جي زيور سان سينگاري ڪري ٻنهي جهانن جي ڀلائيءَ جو سبب بڻائي . اسان کي زير گنبدِ خضرا شهادت، جنّتُ البَقِيع ۾ مَدفن ۽ جنّت الفِردوس ۾ جڳھ نصيب فرمائي.

اٰمين بجاہِ النّبيِّ الامين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم



رمضان المبارڪ 1425ھ

www.dawateislami.net
I.T. Majlis of DawateIslami

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## پهريان هن کي پڙهو

**مٺامٺا اِسلامي ڀائرو!** هن فاني دنيا ۾ ”عمرِ عزيز جا چار ڏينهن“ گذارڻ کان پوءِ اسان کي انڌيري قبر ۾ لاٿو ويندو جنهن جي وَحشتن سان ڀريل اڪيلائين ۾ نه ڄاڻي ڪيترو عرصو اسان جو رهڻ ٿيندو. پوءِ جڏهن مَحشر جي مَيدان ۾ اسان پنهنجي خالِق و مالِڪ عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهه ۾ سفرِ زِيست (يعني زندگي جي سفر) جا اَحوال ٻڌائڻ لاءِ حاضِر ٿيندا ته اسان کي پنهنجو هر عمل پنهنجي اَعمال نامي ۾ لکيل نظر ايندو جيئن قرآنِ عظيم، فرقانِ حميد ۾ ارشاد آهي:

يَوۡمَئِذٍ يَّصۡدُرُ النَّاسُ اَشۡتَاتًا لِّيُرَوۡا اَعۡمَالَهُمۡ ؕ فَمَنۡ يَّعۡمَلۡ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ خَيۡرًا يَّرَهٗ ؕ وَمَنۡ يَّعۡمَلۡ مِثۡقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ؕ (پ ۳۰ ، الزلزال : ٦، ٧، ٨)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ان ڏينهن ماڻهو پنهنجي ربّ جي طرف موٽندا مختلف رستا وٺي جيئن سندن عمل کين ڏيکاريا وڃن پوءِ جيڪو ذري برابر چڱائي ڪري ان کي ڏسندو ۽ جيڪو ذري برابر بُرائي ڪري ان کي ڏسندو.

انهيءَ کان بعد بارگاهِ ربُّ الاَنام عَزَّوَجَلَّ کان بخشش جو چِٺو جاري ٿيندو يا (مَعَاذَالله عَزَّوَجَلَّ) جهنم ۾ داخل ٿيڻ جو حڪم ملندو. (نَسۡئَلُ الۡعَافِيَةَ يعني اسان عافِيت جو سوال ڪيون ٿا.)

گر تُو ناراض ہوا میری ہلاکت ہو گی! ہائے! میں نارِ جہنم میں جلوں گا یارب
عفو کر اور سدا کیلئے راضی ہو جا' گر کرم کردے تو جنت میں رہوں گا یارب

(وسائل بخشش از امیر اہلسنت دامت برکاتھم العالیہ)

## ڊِل کان بہ حِساب ورتو ويندو

**مٺامٺا اِسلامي ڀائرو!** گُناھ يا نيڪي جي ڪرڻ ۾ جِسم جي ظاھري عضون مثلاً ھٿ، پير، اکين وغيره جو ڪِردار تہ سيني تي ظاھر آھي پر انھيءَ طرف عمومًا اسان جو خيال نہ آھي جو اسان جي سيني ۾ ڌڙڪندڙ دِل بہ اسان جي اعمال نامي ۾ نيڪين يا گُناھن جي اضافي ۾ انھن سان گڏ برابر جو شريڪ آھي. اھڙيءَ طرح جڏھن ميدانِ مَحشر ۾ اکين ڪنن وغيره کان حساب ورتو ويندو تہ ھي دِل بہ انھن سان گڏ شريڪ ٿيندي. قرآن شريف ۾ ارشاد آھي:

اِنَّ السَّمۡعَ وَ الۡبَصَرَ وَ الۡفُؤَادَ كُلُّ اُولٰٓئِكَ كَانَ عَنۡهُ مَسۡـُٔوۡلًا ۝

**ترجمو ڪنز الايمان:** بيشڪ ڪن ۽ اکيون ۽ دِل سمورن کان پڇا ٿيڻي آھي.
(پ ۱۵ ، بنی اسرائیل: ۳٦)

انھيءَ آيت جي تحت علّامہ محمد بن احمد اَنصاري قرطبي عليه رحمةُ اللهِ القوي (اَلْمُتَوَفّٰی ۲۷۱ھ) تفسير قُرطبي ۾ لکن ٿا: ”يعني انھن مان ھر ھڪ کان انھيءَ جي استعمال جي باري ۾ سُوال ٿيندو، اھڙي طرح دِل کان پڇيو ويندو تہ انھيءَ جي ذريعي ڇا سوچيو ويو ۽ پوءِ ڇا اِعتِقاد رکيو ويو جڏھن تہ اک ۽ ڪن کان پڇيو ويندو تنھنجي ذريعي ڇا ڏٺو ۽ ڇا ٻُڌو ويو“.
(الجامع لاحکام القرآن ، سورة الاسراء ، تحت ٣٦، ج٥، ص١٨٨)

علّامہ سّيِد محمود آلُوسي بغدادي عليه رحمةُ اللهِ الهادي (اَلْمُتَوَفّٰی ۱۲۷۰ھ) تفسير روح المعاني ۾ انھيءَ آيت جي تحت لکن ٿا تہ ”ھي آيت ھن ڳالھ تي دليل آھي تہ ماڻھو جي دِل جي اَفعال تي

ٻـ انهيءَ جي پڪڙ ٿيندي مثلاً ڪنهن گناهہ جو پڪو ارادو ڪرڻ ... يا ... دِل جو مختلف بيمارين مثلاً ڪينو، حَسَد ۽ خود پسندي وغيره ۾ مُبتِلا ٿيڻ، ها! عُلماءِ انهيءَ ڳالهہ جي صَرَاحَت فرمائي تہ دِل ۾ ڪنهن گُناهہ جي باري ۾ صرف سوچڻ تي پڪڙ نہ ٿيندي جڏهن تہ انهيءَ جي ڪرڻ جو پَڪو ارادو نہ رکندو هجي.“ (روح المعانی ، پ ١٥، الاسراء ، تحت٣٦، ج١٥، ص ٩٧)

## دِل کي قَلب ڇو چوندا آهن؟

دِل کي عَرَبي ٻولي ۾ قَلْب (يعني بدلجندڙ) چوندا آهن ۽ انهيءَ کي دِل چوڻ جو سبب هي ٻـ آهي تہ هي مختلف وقتن ۾ مَحۡمُوۡد و مَذۡمُوۡم (يعني پسنديده و ناپسنديده) ٻنهي قسمن جي ڪيفيتن مان گذرندي رهندي آهي.

(مرقاة المفاتيح، کتاب الايمان، ج ١، ص ٣٠٤)

انهيءَ حقيقت کي فرمانِ نبوي عليه الصلوٰة وَ السّلام ۾ هن طرح بيان ڪيو ويو آهي: ”دِل جو مثال انهيءَ پَر وانگر آهي جيڪو ميداني زمين ۾ هجي جنهن کي هوائون ظاهر باطن اتلائين پُتلائين.“

(المسند للامام احمد بن حنبل، حديث ابی موسی الاشعری، الحديث ١٩٧٧٨، ج ٧، ص ١٧٨)

**مٺا مٺا اِسلامي ڀائرو!** واقعي جيڪڏهن اسان پنهنجي دِل تي غور ڪيون تہ هي نتيجو سامهون ايندو تہ ڪڏهن انهيءَ تي رَحَم غالِب هوندو آهي ۽ ڪڏهن سختي انهيءَ کي جڪڙي ڇڏيندي آهي، ڪڏهن سَخاوت جو سمنڊ ڇوليون هڻندو آهي تہ ڪڏهن بُخل (ڪنجوسي) جو طُوفان پنهنجون تباهيون ڏيکاريندو

آهي، ڪڏهن تہ عاجزي جو اهڙو پيڪر جو ڪُتي کي بہ حقير نہ سمجهي ۽ ڪڏهن اهڙو مُتڪبّر (تڪبر ڪندڙ) جو وڏن وڏن جي پرواهہ نہ ڪري، ڪڏهن تہ اهڙو مُخْلِص جو پنهنجو نيڪ عمل ظاهر ٿيڻ تي پريشان ٿي وڃي ۽ ڪڏهن اهڙي حالت جو تعريف نہ ٿيڻ تي ڏکَ محسوس ڪري، ڪڏهن اهڙو صابر (صبر ڪندڙ) جو وڏي مان وڏي مُصِيبت تي اُف تائين نہ ڪري ۽ ڪڏهن اهڙي بي صبري جو ٿورڙي تڪليف تي واويلا مچائي، ڪڏهن تہ پنهنجي ربّ عزّوجلّ جو اهڙو خوف جو گُناهہ ڪرڻ جي تَصَوُّر کان ئي گهبرائي ۽ ڪڏهن اهڙي غَفْلَت جو وڏا وڏا گُناهہ ڪرڻ کان پوءِ بہ نَدَامت (پشيماني) جا نشان بہ نہ ڏسجن، ڪڏهن عشقِ رسول جو اهڙو جذبو جو زبانِ حال سان پڪاري:

میرے تو آپ ہی سب کچھ ہیں رحمتِ عالَم
میں جی رہا ہوں زمانے میں آپ ہی کے لئے

۽ ڪڏهن دُنيا جي محبت جو اهڙو غَلَبو جو ان کي ئي پنهنجو سڀ ڪجهہ سمجهي ويهي، ڪڏهن تہ مسلمانن جي خير خواهي جو اهڙو جذبو جو پاڻ نقصان ۾ پئجي بہ ٻين جو ڀلو ڪري ۽ ڪڏهن اهڙو خُود غَرَض جو پنهنجي فائدي جي لاءِ مسلمان ڀاءُ کي نقصان پهچائڻ کان بہ نہ ڪيٻائي، ڪڏهن تہ اهڙو اِسْتَغْناء (يعني بي نيازي) جو عزت واري جاءِ تي اصرار جي باوُجُودِ نہ ويهي ۽ ڪڏهن اهڙي حُبِّ جاه (يعني عزت جي خواهش) جو نُمايان جڳهہ نہ ملڻ تي منهن سُڄائي بلڪ انهيءَ مَحفِل مان هليو وڃي، ڪڏهن تہ اهڙي قَنَاعَت جو ضرورت کان زياده مال

ملي تڏهن بہ ونڻ تي تيار نہ هجي ۽ ڪڏهن اهڙي لالچ جو گهٽي مال هئڻ جي باوُجُود مال وڌائڻ جي ڪوشش ۾ لڳو رهي، ڪڏهن تہ اهڙو حياء جو اڪيلائي ۾ بہ حياء جي خلاف ڪم نہ ڪري ۽ ڪڏهن اهڙي دليري جو ماڻهن جي سامهون بہ بي حيائي جي ڪم ڪرڻ ڪان نہ شرمائي. علٰی هٰذا القِياس.

## تشويشناڪ تبديليون

مٺامٺا اِسلامي ڀائرو! دِل ۾ ٿيڻ واريون اهي تبديليون اِنتِهائي تَشوِيشناڪ آهن انهيءَ لاءِ اسان کي انهيءَ طرف کان هرگز ڪوتاهي نہ ڪرڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ اسان کي اَوّلاً بارگاهِ اِلٰهي عَزَّوَجَلَّ ۾ قلبِ سَليم (يعني سُنين ڳالهين جي اثر قبول ڪرڻ واري دِل) جو سُوال ڪرڻ گهرجي. اسان جي مِٺي مِٺي آقا صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي قلبِ اَطهر مان جاري ٿيندڙ رُوحاني چشمن مان سڄو جهان سَيراب ٿي رهيو آهي، اهي بہ الله تعالىٰ کان هن طرح دُعا ڪندا هئا: يَا مُقَلِّبَ الْقُلُوْبِ ثَبِّتْ قَلْبِيْ عَلٰی دِيْنِكَ: ”يعني اي دلين جي ڦيرڻ وارا! منهنجي دل کي پنهنجي دين تي قائم رک.“

(المسند للامام احمد بن حنبل، مسند انس بن مالک ،الحديث ۱۲۱۰۸، ج ۴، ص ۲۲۵)

مٺامٺا اِسلامي ڀائرو! بارگاهِ خداوندي ۾ دُعا سان گڏوگڏ دل جي اِصلاح جي لاءِ عملي ڪوشِش ڪرڻ بہ تمام ضروري آهي. انهيءَ لاءِ اسان کي سڀ کان پهريان پنهنجي دِل جو مُحَاسَبو (جائزو) ڪرڻ گهرجي جو فِي الْوَقت اسان جي دِل تي جن صفتن جو غلبو آهي انهن مان ڪيتريون صِفاتِ حَسَنہ (يعني سُٺيون

صفتون مثلاً سَخَاوَت، اِخلاص، رَحَم وغيره) آهن ۽ ڪيتريون سَيِّئہ (يعني بُريون صفتون مثلاً حَسَد، تَڪَبُّر، بُغض، بدگُماني وغيره)؟ پوءِ نتيجو سامهون اچڻ تي سُٺين صفتن جي بَقا جي لاءِ سَندرو بَڌؤن ۽ بُرين صفتن کان ڇوٽڪاري لاءِ ڪوشِش شروع ڪيون.

زيرِ نظر رسالي "بدگُماني" ۾ دِل کي پيش اچڻ واري هڪ صفت بدگُماني جي باري ۾ معلومات پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي مثلاً گُمان ڇا کي چوندا آهن؟ انهيءَ جا ڪيترا قسم آهن؟ بدگُماني ڪڏهن جائز آهي ۽ ڪڏهن ناجائز؟ انهيءَ تي شَرعِي حڪم ڪڏهن لڳندو؟ وغيرها، پڻ انهيءَ جي هلاڪتن جي بيان کان پوءِ عِلاج جا طريقا بہ دَرج ڪيا ويا آهن. انهيءَ رسالي کي مُرَتَّب ڪرڻ جي لاءِ قرآن مجيد ۽ 8 تفسيرن، 10 حديث جي ڪتابن، انهيءَ جي 5 شرحن، فتاوىٰ اَمجَدِيّہ، فتاوىٰ رَضَوِيّہ، فَيضَانِ سُنَّت (جلد اوّل) ۽ 12 ٻين ڪتابن مان مواد ورتو ويو آهي، انهيءَ کان علاوه تبليغِ قرآن و سُنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مَجلِسِ شورىٰ جي نِگران مدظله العالي جي ڪيسٽ بيان "بدگُماني" مان بہ ڀرپور اِستِفادو ڪيو ويو آهي (هي ڪيسٽ بيان مکتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ مان هديةً حاصل ڪري سگهجي ٿو) انهيءَ رِسالي ۾ تقريبًا 5 آيتون، 20 احاديثِ مبارڪہ ۽ 11 حڪايتون شامل آهن. اُمِيدِ وَاثِق (مضبوط اُميد) آهي تہ قَلب جي اِصلاح جي سلسلي ۾ هي رسالو گهڻو مُفيد ثابت ٿيندو. ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

اعلىٰ حضرت، امامِ اَهلسنّت، مولانا شاه امام احمد رَضا

خان عليه رحمةُ الرحمٰن **فتاویٰ رَضَوِيِّہ جلد** 23 **صفحي** 624 **تا** 626 **تي** لکن ٿا: **مُحرَّماتِ باَطِنِيّہ** (باطني ممنوعات مثلًا) تَکبُّر و رِيا و عُجَب (يعني غرور) و حَسَد وغيره ۽ اُن جي **مُعَالَجَات** (يعني علاج) جو ان جو علم بہ هر مسلمان تي اهم فرض مان آهي. انهيءَ رسالي کي نہ صرف پاڻ پڙهو بلک ٻين اسلامي ڀائرن کي انهيءَ جي مطالعي جي ترغيب ڏئي ثوابِ جاريہ جا مستحق بڻجو. الله تعالیٰ کان دُعا آهي تہ اسان کي "**پنهنجي ۽ سڄي دُنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش**" ڪرڻ جي لاءِ مَدَني انعامات تي عمل ڪرڻ ۽ مَدَني قافلن جو مسافر بڻجڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ **دعوتِ اسلامي** جي سيني مجالس بشمول مَجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَّة کي ڏينهن ٻارهين رات ٻارهين ترقي عطا فرمائي.

اٰمين بِجاهِ النَّبيِّ الاَمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**شعبہ اصلاحي ڪتب (مَجلس المدينة العلمية)**

ﷺ فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم :

جيڪو شخص منهنجي امت تائين ڪا اسلامي ڳالهہ پهچائي تہ جيئن ان سان سنّت قائم ٿي وڃي يا ان سان بد مذهبي دُور ڪئي وڃي تہ اهو جنّتي آهي-

(حلية الاولياء ج 10 ص 45 رقم الحديث 14466)

"اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ ان کي شاد و آباد رکي جيڪو منهنجي حديث ٻڌي، ياد رکي ۽ ٻين تائين پهچائي"

(جامع ترمذي ج 4 ص 298 رقم الحديث 366)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

## دُرُود پاڪ جي فضيلت

سرڪارِ والا تَبار، اسان بيڪسن جا مددگار، شفيعِ روزِ شُمار، ٻنهي جهانن جا مالڪ و مختار، حبيبِ پروَرۡدگار صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ رحمت نشان آهي: ”اي انسانو! بيشڪ قيامت جي ڏينهن انهيءَ جي دهشتن ۾ حساب ڪتاب ڪان جلد نَجات حاصل ڪرڻ وارو اهو شخص هوندو جنهن توهان مان مون تي دُنيا جي اندر ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهيا هوندا.“

(فردوس الاخبار، الحديث، ۸۲۱۰ ، ج ۲، ص ۴۷۱)

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نقصان ۾ پوڻ وارو تاجر

هڪ بُزُرگ فرمائن ٿا تہ مان هڪ مسجد ۾ نَماز ادا ڪرڻ ويس. اتي مون ڏٺو تہ هڪ مالدار تاجر وينو آهي ۽ ويجهو ئي هڪ فقير دُعا گهري رهيو آهي: ”يا الٰهي عَزَّوَجَلَّ! اڄ مان هن طرح جو کاڌو ۽ هن قسم جو حلوو کائڻ چاهيان ٿو.“ تاجر اها دُعا ٻڌي ڪري بدگُماني ڪندي چيو: ”جيڪڏهن هي مون کي چوي ها تہ مان انهيءَ کي ضرور کارايان ها پر هي بهاني بازي ڪري رهيو آهي ۽ مون کي ٻڌائي ڪري الله تعالیٰ ڪان دُعا ڪري رهيو آهي تہ مان ٻڌي ڪري انهيءَ کي کارايان، والله! مان تہ انهيءَ کي نہ کارائيندس.“ اهو فقير دُعا ڪان فارغ ٿي ڪري هڪ ڪُنڊ ۾ سُمهي پيو. ٿوري دير ڪان پوءِ هڪ

شخص ڊکيل طبَاق (يعني ٿالھ) کڻي آيو ۽ ساڄي کاٻي ڏسندو فقير وٽ آيو ۽ انهيءَ کي سُجاڳ ڪرڻ کان پوءِ طباق نهايت ئي عاجزي سان انهيءَ جي سامهون رکيائين. تاجر غور سان ڏٺو ته اهي ئي ڪاڏا آهن جنهن جي لاءِ فقير دُعا ڪئي هئي، فقير خواهش مطابق انهيءَ مان ڪاڏو ۽ ٻچيل واپس ڪيائين.

تاجر ڪاڏي ڪارائڻ واري کي الله تعالیٰ جو واسطو ڏئي ڪري پُڇيو: ”ڇا تون انهيءَ کي پهريان سُڃاڻندو آهين.“ ڪاڏو کڻي اچڻ واري جواب ڏنو: ”بخدا! هرگز نه، مان هڪ مزدور آهيان منهنجي گهر واري ۽ نياڻي سال کان وٺي انهن ڪاڏن جي خواهش رکنديون هيون پر مهيا نه ٿي سگهندا هئا. اڄ مون کي مزدوري مان هڪ مِثّقال (يعني ساڍا چار ماشه) سون مليو ته مون انهيءَ مان گوشت وغيره خريد ڪري گهر کڻي آيس. منهنجي گهر واري ڪاڏو پچائڻ ۾ مصروف هئي ته انهيءَ دؤران منهنجي اک لڳي وئي. اکيون ته ڇا بند ٿيون، سُتل قسمت ناز منجهان جاڳي پئي، مون کي خواب ۾ حضور سرورِ عالم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو جلوهءِ زيبا نظر آيو، مان نظارهءِ محبوب ۾ گُم هئس ته چپ مبارڪ چُرڻ لڳا، رحمت جا گل ٽِڙڻ لڳا ۽ الفاظ ڪجھ هن طرح سان ترتيب ۾ آيا: ”اڄ توهان جي علائقي ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جو هڪ ولي آيو آهي، انهيءَ جو قيام مسجد ۾ آهي. جيڪي ڪاڏا توهان پنهنجي گهرواريءَ ٻچن جي لاءِ تيار ڪرايا آهن انهن ڪاڏن جي انهيءَ کي به خواهش آهي، انهيءَ وٽ کڻي وڃو اهو پنهنجي خواهش جي مطابق ڪائي واپس

ڪندو، باقي ۾ اللّٰه تعالىٰ تنهنجي لاءِ بَرَڪت عطا فرمائيندو ۽ مان تنهنجي لاءِ جنت جي ضمانت ڏيان ٿو.“ ننڊ مان بيدار ٿي مون حڪم جي تَعمِيل ڪئي جنهن ڪي توهان ٻہ ڏٺو.

اهو تاجر چوڻ لڳو: ”مون انهيءَ ڪي انهن ئي ڪاڌن جي لاءِ دُعا گهرندي ٻڌو هو، تو انهن ڪاڌن تي ڪيتري رقم خرچ ڪئي؟“ انهيءَ شخص جواب ڏنو: ”مثقال جيترو سون“ انهيءَ تاجر انهيءَ ڪي پيشڪش ڪئي: ”ڇا ائين ٿي سگهي ٿو جو مون ڪان ڏهہ مثقال سون وٺ ۽ انهيءَ نيڪي ۾ مون ڪي هڪ قيراط جو حصيدار بڻاءِ؟ ”انهيءَ شخص چيو: اهو ناممڪن آهي.“ انهيءَ تاجر اضافو ڪندي چيو: ”چڱو مان توڪي ويهہ مِثقال سون ڏيان ٿو.“ انهيءَ شخص پنهنجي انڪار ڪي ورجايو ايستائين جو انهيءَ تاجر سون جو مقدار وڌائي ڪري پنجاهہ پوءِ سؤ مثقال ڪيو پر اهو شخص پنهنجي انڪار تي مضبوط رهيو ۽ چوڻ لڳو: ”واللّٰه! جنهن شيءِ جي ضمانت رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڏني آهي، جيڪڏهن تون انهيءَ جي بدلي سڄي دُنيا جي دولت بہ ڏين پوءِ بہ مان انهيءَ ڪي نہ وڪڻندس، توهان جي قسمت ۾ اها شيءِ هجي ها تہ توهان مون ڪان اڳرائي ڪري سگهو ها. پر اللّٰه تعالىٰ پنهنجي رحمت سان خاص ڪندو آهي جنهن ڪي چاهي.“ تاجر نهايت پشيمان ۽ پريشان ٿي مسجد مان هليو ويو جڏهن تہ انهيءَ پنهنجو قيمتي سامان وڃائي ڇڏيو. (روض الرياحين، الحكاية الثلاثون بعد الثلاث ماة، ص ٢٧٧ ملخصًا)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ڪثرتِ گُمان جي مُمَانَعَت

اللهعَزَّوَجَلَّ قرآن پاڪ ۾ ارشاد فرمايو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اجْتَنِبُوْا كَثِيْرًا مِّنَ الظَّنِّ٘ اِنَّ بَعْضَ الظَّنِّ اِثْمٌ

(پ ٢٦ ، حجرات: ١٢)

**ترجمو ڪنز الايمان:** اي ايمان وارؤ! گهڻن گُمانن کان بچو، بيشڪ ڪو گُمان گُناهہ ٿي ويندو آهي.

حضرت علامہ عبدالله ابو عمر بن محمد شيرازي بيضاوي عليہ رحمۃُ اللهِ الهادي (اَلْمُتَوَفّٰي ٧٩١ھ) ڪثرتِ گُمان کان مُمَانَعَت جي حِڪمت بيان ڪندي تفسير بيضاوي ۾ لکن ٿا: ”تان جو مسلمان هر گُمان جي باري ۾ مُحتَاط ٿئي ۽ غور و فِڪر ڪري جو هي گُمان ڪهڙي طرف کان آهي.“

(تفسير بيضاوي پ ٢٦، الحجرات تحت الآية ١٢، ج ٥، ص ٢١٨)

انهيءَ آيت ڪريمہ ۾ بعض گُمانن کي گُناهہ قرار ڏيڻ جو سبب بيان ڪندي اِمام فخرُ الدّين رازِي عليہ رحمۃُ اللهِ الهادي (اَلْمُتَوَفّٰي ٦٠٦ھ) لکن ٿا: ”ڇو جو ڪنهن شخص جو ڪم ڏسڻ ۾ تہ بُرو لڳندو آهي پر حقيقت ۾ اهڙو نہ هوندو آهي ڇو جو ممڪن آهي تہ ڪرڻ وارو انهيءَ کي وساري ڪري رهيو هجي يا ڏسڻ وارو ئي غَلَطي تي هجي.“

(التفسير الكبير، پ٢٦، الحجرات تحت الآية ١٢، ج١٠، ص ١١٠)

## گُمان ڇا کي چوندا آهن؟

هر اهو خيال جيڪو ڪنهن ظاهري نشاني مان حاصل ٿيندو آهي گُمان چورائيندو آهي. انهيءَ کي ظن بہ چوندا آهن. مثلاً پري کان دونهون اُٿندڙ ڏسي باهہ جي موجودگي جو خيال

اچڻ. (مفردات اِمام راغب، ص٥٣٩ ماخوذًا)

## گُمان جا قسم

بُنيادي طور تي گُمان (ظن) جا ٻہ قسم آهن:

(1) حُسنِ ظن (يعني سُنو گُمان)

(2) سوءِ ظن (يعني بُرو گمان، انهيءَ کي بدگُماني بہ چوندا آهن)

پوءِ انهيءَ مان هر هڪ جا ٻہ قسم آهن: اهڙي طرح حُسن ظن ڪڏهن تہ وَاجِب ٿيندو آهي جيئن الله عَزَّوَجَلَّ سان سُنو گُمان رکڻ ۽ ڪڏهن مُستَحبّ جيئن مؤمن صَالح سان چڱو گُمان. (خزائن العرفان، پ٢٦، الحجرات تحت الآية ١٢)

اهڙي طرح سوءِ ظن (بدگُماني) جا ٻہ قسم آهن:

(1) جائز (2) مَمنُوع

## (1) بد گُماني جي جائز ٿيڻ جون صورتون

**پهرين صورت:**

فَاسِقِ مُعلِنٌ (يعني ظاهر ظهور گُناه ڪرڻ وارو) سان اهڙو گُمان ڪرڻ جهڙا اَفعال ان کان ظاهر ٿيندا رهندا هجن.

(خزائن العرفان، پ٢٦، الحجرات تحت الآية ١٢)

علّامہ محمد بن احمد انصاري عليه رحمةُ اللهِ القوي (اَلْمُتَوَفّٰى ٦٧١ھ) لکن ٿا: ”جيڪڏهن ڪو شخص نيڪ هجي تہ انهيءَ جي باري ۾ بدگُماني جائز نہ آهي ۽ جيڪو سرِعام گُناه ڪبيرا ڪندڙ هجي ۽ فِسّق ۾ مشهور هجي تہ انهي جي باري ۾ بدگُماني ڪرڻ جائز آهي.“ (الجامع لاحكام القرآن، پ٢٦، الحجرات تحت الآية ١٢، ج ٨، ص ٢٣٨ ملخصًا)

**علّامہ سيِّد محمود آلُوسي** عليه رحمة الله الغني (اَلْمُتَوَفّٰي ١٢٧٠ھ) **ارشاد فرمائن ٿا: ”سوءِ ظن انهيءَ وقت حرام ٿيندو جڏهن مَظْنُوْن** (يعني جنهن جي باري ۾ گُمان ڪيو وڃي) **اهڙو شخص هجي جنهن جي عيبن جي پوشيدگي، صالِحِيّت** (يعني نيڪ هجڻ) **۽ اَمَانَت و دِيَانَت جو مُشاهَدو ڪيو وڃي** (يعني اهو نيڪي ۾ مشهور هجي) **۽ جيڪڏهن ڪو شڪ ۾ مُبْتِلا ڪرڻ وارن بُرن ڪمن ۾ سرِعام مَشْغُوْل هجي، جيئن شراب جي دُڪان ۾ اچڻ وڃڻ يا راڳ ٻَائڻ وارين فَاجِره عورتن جي صُحبت اِخْتِيار ڪرڻ يا ڪنهن بي رِيش** (بغير ڏاڙهي واري) **جي طرف مسلسل ڏسڻ، ته انهيءَ صورت ۾ بدگُماني حرام ناهي، چاهي گُمان ڪرڻ واري انهيءَ ڪي شراب پيئندي يا زنا ڪندي يا بيهوده ڪم** (يعني بدفعلي) **ڪندي نہ ڏٺو هجي.“**

(روح المعاني، پ٢٦، الحجرات تحت الآية ١٢، ج ٢٦، ص ٤٢٨ ملخصًا)

**علّامہ اسماعيل حقي** عَلَيه رحمةُ اللهِ القَوِي (اَلْمُتَوَفّٰي ١١٣٧ھ) **ارشاد فرمائن ٿا: ”گُمان جي طرف انهيءَ وقت تائين عمل نہ ڪيو وڃي جيستائين جو مَظْنُوْن** (يعني جنهن جي باري ۾ دِل ۾ گُمان اچي) **جي باري ۾ غور و فڪر نہ ڪيو وڃي. اهڙي طرح جيڪڏهن مَظنون نيڪ هجي تہ انهيءَ معمولي وهم سبب بدگُماني نہ ڪئي وڃي بلڪ احتياط ڪيو وڃي، توهان انهيءَ وقت تائين ڪنهن سان بدگماني نہ ڪيو جيستائين توهان لاءِ حُسنِ ظن رکڻ ممڪن هجي. باقي فاسقن جو معاملو تہ انهن سان اهڙي بدگُماني رکڻ جائز آهي جو انهن جا اَفعال ظاهر هجن.“**

(روح البيان، پ٢٦، الحجرات تحت الآية ١٢، ج ٩، ص ٨٥)

صدرالشريعہ بدرالطريقہ مفتي محمد امجد علي اعظمي عليه رحمة الله الغني (اَلْمُتَوَفّٰي ١٣٧٦ھ) لکن ٿا: ”بيشڪ مسلمان تي بدگُماني حرام آهي پر جڏهن ڪنهن قريني سان انهيءَ جو اهڙو هجڻ ثابت هجي تہ هاڻي حرام ناهي. مثلاً ڪنهن کي شراب خاني ۾ ايندي ويندي ڏسي ڪري انهيءَ کي شراب خور (يعني شراب پيئڻ وارو) گُمان ڪيائين تہ انهيءَ (بدگُماني ڪرڻ واري) جو قصور ناهي، انهيءَ (شراب خاني ۾ ايندڙ ويندڙ) مَوضَعِ تُهَمَت (يعني تهمت لڳڻ جي جڳهہ) کان ڇو نہ اِجتِنَاب (يعني پرهيز) ڪيائين. (فتاوى امجديه، ج١، ص١٢٣) اميرُ المؤمنين حضرتِ سيّدنا عمر بن خطاب رضي الله تعالى عنه فرمايو: ”جيڪو پنهنجي پاڻ کي تُهمت لاءِ پيش ڪري تہ اهو پنهنجي باري ۾ بدگُماني ڪرڻ واري کي مَلامَت نہ ڪري.“

(الدر المنثور ج ٧ ، الحجرات تحت الآية ١٢، ص ٥٦٦)

## بد گُماني جائز هئڻ جو مطلب

ياد رهي تہ اَهلِ مَعصِيَّت ۽ سرِعام گُناهہ ڪرڻ واري سان بدگُماني جائز هئڻ جو هي مطلب نہ آهي تہ اسان انهن جي بدگوئي يا عيب ڪڍڻ شروع ڪري ڇڏيون بلڪ اهڙي صورت ۾ رضاءِ الٰهيعَزَّوَجَلَّ جي لاءِ صرف دِل ۾ انهن کي بُرو سمجهون. (الحديقة الندية ج ٢، ص ١١ ملخصًا) الله عَزَّوَجَلَّ جي مَحبُوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوب صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”هر مسلمان جي عزت، مال ۽ جان ٻئي (مسلمان) تي حرام آهي.“

(جامع الترمذي، ڪتاب البر و الصلة، الحديث١٩٣٤، ج٣، ص٣٧٢)

**ٻئي صُورت**:

جڏهن نقصان ۾ مُبتِلا ٿيڻ جو قوي اِحتمال هجي. مثلاً ڪنهن اِسلامي ڀاءُ ڪنهن سان ڪاروباري شَراڪَت ڪئي يا خريد وفروخت ڪئي يا انهيءَ ڪان ڪِرائي تي ڪا شيءِ ورتي يا ڪنهن ٻـ طرح جو مُعَاملو طئي ڪيائين ۽ سامهون واري جي ڪنهن مَشڪوڪ حَرَڪت سبب دِل ۾ بي اِختِيار بدگماني پيدا ٿي ۽ انهيءَ اُن بدگُماني جي بُنياد تي اهڙيون اِحتِياطي تدبيرون اِختيار ڪيون جنهن سان سامهون واري ڪي ڪو نقصان نـ پهچي تـ جائز آهي ڇو جو جيڪڏهن حقيقتًا سامهون واري جي نيت دُرُست نـ هجي ۽ هي شخص حسنِ ظن قائم ڪندو هجي تـ نقصان ۾ مُبتلا ٿيڻ جو قوي امڪان آهي.

جيئن علّامہ سيِّد محمود آلُوسي بَغدادي عليه رحمة الله القوي (اَلْمُتَوَفّٰي ١٢٧٠ھ) تفسير روح المعاني ۾ لکن ٿا: ”گُمان ڪرڻ واري جي لاءِ بُري گُمان جي تقاضي تي عمل ڪرڻ ۾ ڪو نقصان نـ آهي (جڏهن تـ مظنون ڪي ڪو نقصان نـ پهچي) مثلاً انهيءَ ڪنهن شخص جي باري ۾ گُمان ڪيو تـ اهو نقصان پهچائڻ چاهي ٿو تـ اهو انهيءَ ڪان بچڻ جي لاءِ اهڙا اَقدامات ڪٽي سگهي ٿو جنهن جي ڪري انهيءَ (سامهون واري) شخص ڪي نقصان نـ پهچي. طبراني شريف ۾ آهي: ”ماڻهن ڪان سوءِ ظن جي ذريعي پنهنجي حفاظت ڪيو.“ (المعجم الاوسط، الحديث ٥٩٨، ج ١، ص ١٨١)

مزيد لکن ٿا: ”بُري گُمانن مان ڪجھ اهڙا هوندا آهن جن جي پيروي مُبَاح (جائز) آهي جيئن معاشي معاملات ۾ بدگُمان ٿيڻ.“

(روح المعاني، پ٢٦،الحجرات تحت الآية ١٢،ج ٢٦،ص ٤٢٨، ٤٢٩)

علّامہ اسماعيل حقي عليه رحمة الله القوي (اَلْمُتَوَفّٰي ١١٣٧ھ) تفسير روح البيان ۾ لکن ٿا: ”ڪجھ گُمان مُباح (جائز) آهن جيئن اُمورِ معاش يعني دُنياوي معاملات ۽ معاش جي مُهمَّات ۾ بدگُماني ڪرڻ بلڪ انهن معاملات ۾ بدگُماني مُوَجِبِ سلامتي (يعني سلامتي جو سبب) آهي.“

(روح البيان، پ٢٦، الحجرات تحت الآية ١٢، ج ٩، ص ٨٤)

## (2) بد گُماني مَمنوع آهي

جيئن تہ اللّٰہ تعالیٰ سان بُرو گُمان رکڻ ۽ نيڪ مؤمن سان بُرو گُمان رکڻ. (تفسير خزائن العرفان، پ٢٦، الحجرات تحت الآية ١٢ و فتح الباري، كتاب البر و الصلة، ج ١٥، ص ٢١٩)

اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ سان بدگُماني جو مطلب هي آهي تہ هي گُمان رکي تہ اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ مون کي رِزِق نہ ڏيندو يا منهنجي حفاظت نہ ڪندو يا منهنجي مدد نہ ڪندو وغيره. (الحديقة الندية ج ٢، ص ٧)

## ”حکم“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان بدگُماني کان بچڻ جا 3 فرمان

(1) نبي مُکَرَّم، نُورِ مُجسَّم، رسولِ اکرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: ”بدگُماني کان بچو بيشڪ بدگُماني بدترين ڪوڙ آهي.“

(صحيح البخارى، كتاب النكاح، باب ما يخطب على اخيه، الحديث ٥١٤٣، ج٣، ص ٤٤٦)

(2) ارشاد فرمايو: ”مسلمان جو خون، مال ۽ انهيءَ سان بدگُماني (ٻئي مسلمان تي) حرام آهي.“

(شعب الايمان فى تحريم اعراض الناس، الحديث ٦٧٠٦، ج٥، ص ٢٩٧)

(3) حضرت سيّدتنا عائشہ رضي الله تعالى عنها کان مَرفُوعًا مروي آهي: ”جنهن پنهنجي مسلمان ڀاءُ سان بُرو گُمان رکيو، بيشڪ انهيءَ پنهنجي ربّ عَزَّوَجَلَّ سان بُرو گُمان رکيو.“

(الدر المنثور پ ٢٦ ، الحجرات تحت الآية ١٢، ج٧ ص ٥٦٦)

## بدگُماني تي حڪمِ شرعي ڪڏهن لڳندو

مٺا مٺا اِسلامي ڀائرو! ڪنهن شخص جي دِل ۾ ڪنهن جي باري ۾ بُرو گُمان ايندي ئي انهيءَ کي گُنهگار قرار نہ ڏنو ويندو ڇو تہ صرف دِل ۾ بُرو خيال اچڻ جي صورت ۾ سزا جو حقدار سمجهڻ جو مطلب ڪنهن اِنسان تي انهيءَ جي طاقت کان زياده وزن وجهڻ آهي ۽ اها ڳالھ شرعي تقاضي جي خلاف آهي، الله تعالىٰ ارشاد فرمايو آهي:

لَا يُكَلِّفُ اللهُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ؕ (پ ٢ ، البقرة: ٢٨٦)

ترجمو ڪنز الايمان: الله ڪنهن جان تي بار نہ رکندو آهي مگر سندس طاقت آهر

## بدگُماني جي حرام هجڻ جون ٻہ صورتون

(1) جڏهن اِنسان انهيءَ بدگُماني کي دِل ۾ ويهاري (يعني انهيءَ جو يقين ڪري)

(2) انهيءَ کي زبان تي آڻي يا انهي جي تقاضي تي عمل ڪري

### (1) بدگُماني کي دل ۾ ويهارڻ:

شارحِ بخاري علّامہ بدرُ الدّين محمود بن احمد عيني عليه رحمة الله الغني (اَلْمُتَوَفّٰى ٨٥٥ھ) فرمائن ٿا: گُمان اهو حرام آهي جنهن تي گُمان ڪرڻ وارو مُصِر هجي (يعني اصرار ڪري) ۽ انهيءَ کي

پنهنجي دِل تي ڄمائي، نہ اهو گُمان جيڪو دِل ۾ اچي ۽ قرار نہ وٺي. (عمدة القاري، الحديث ٩٦ ج ١٤، ٩٦)

حُجَّةُ الاِسلام اِمام محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي (اَلْمُتَوَفّٰي ٥٠٥هـ) فرمائن ٿا: ”(مسلمان سان) بدگُماني بہ اهڙي طرح حرام آهي جهڙي طرح زبان سان بُرائي ڪرڻ حرام آهي. پر بدگُماني مان مُراد هي آهي تہ دِل ۾ ڪنهن جي باري ۾ بُرو يقين ڪيو وڃي، باقي دِل ۾ پيدا ٿيڻ وارا خدشا ۽ وَسوَسا اهي معاف آهن بلڪ شڪ بہ معاف آهي.“ مزيد لکن ٿا: ”بدگُماني جي مضبوط ٿيڻ جي سُڃاڻپ هي آهي تہ مَظنون جي باري ۾ تنهنجي قَلْبِي ڪَيْفِيَّت تبديل ٿي وڃي، تو ڪي انهيءَ ڪان نفرت محسوس ٿيڻ لڳي، تون انهيءَ کي بار سمجهين، انهيءَ جي عزت و اِڪرام ۽ انهيءَ جي لاءِ فِڪرمند هئڻ جي باري ۾ سُستي ڪرڻ لڳين. نبي اڪرم صَلَّى اللهُ تَعَالٰی عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن توهان مان ڪير بدگُماني ڪري تہ انهيءَ تي ڄميل نہ رهو.“ (المعجم الکبير، الحديث ٣٢٢٧، ج٣، ص ٢٢٨) يعني انهيءَ کي پنهنجي دِل ۾ جڳهہ نہ ڏيو، نہ ڪنهن عمل جي ذريعي انهيءَ جو اظهار ڪيو ۽ نہ اَعضاء جي ذريعي انهيءَ بدگُماني کي پڪو ڪيو.

(احياء علوم الدين، ڪتاب آفات اللسان، ج٣ ، ص١٨٦)

مثلاً شيطان ڪنهن اِسلامي ڀاءُ جي دِل ۾ ڪنهن نيڪ شخص جي باري ۾ رِياڪاري جو گُمان وڌائين تہ انهيءَ اِسلامي ڀاءُ انهيءَ گُمان کي جلدي جهٽڪو ڏنو ۽ انهيءَ مسلمان جي باري ۾ مُخْلِص هجڻ جو حُسنِ ظن قائم ڪيائين تہ هاڻي انهيءَ

جي پڪڙ نہ ٿيندي ۽ نہ ئي اهو گُنهگار ٿيندو. انهيءَ جي اُبتڙ جيڪڏهن دِل ۾ بدگُماني اچڻ کان پوءِ انهيءَ کي جهٽڪو نہ ڏنائين ۽ اها بدگُماني انهيءَ جي دِل ۾ ويهي رهي ايستائين جو يقين جي دَرَجي تائين پهچي وئي تہ فلاڻو شخص رياڪار ئي آهي تہ هاڻي بدگُماني ڪرڻ وارو گنهگار ٿيندو چاهي انهيءَ جي باري ۾ زبان سان ڪجهہ نہ چوي .

**(2) بدگُماني کي زبان تي آڻڻ يا انهيءَ جي تقاضي تي عمل ڪرڻ:**

علّامہ عبد الغني نابلسي عليه رحمة الله القوي (اَلْمُتَوَفّٰی ۱۱۴۳ھ) لکن ٿا: شڪ يا وهم جي صورت ۾ مؤمنين سان بدگُماني انهيءَ صورت ۾ حرام آهي جڏهن انهيءَ جو اثر اَعضاء تي ظاهر هجي يعني انهيءَ جي تقاضي تي عمل ڪيو وڃي، مثلاً انهيءَ بدگُماني کي زبان سان بيان ڪيو وڃي .

(الحديقة الندية ج ۲، ص ۱۳ ملخصًا)

۽ علّامہ سيِّد محمود آلُوسي بَغدادي عليه رحمة الله القوي (اَلْمُتَوَفّٰی ۱۲۷۰ھ) لکن ٿا: ”جڏهن بدگُماني غير اِختياري هجي تہ جنهن شيءِ جي مُمَانُعت آهي، اهو انهيءَ جي تقاضي جي مطابق عمل ڪرڻ آهي يعني مَظنُون (يعني جنهن جي باري ۾ دِل ۾ گُمان اچي) کي حقير سمجهڻ يا انهيءَ جي عيب گوئي ڪرڻ يا انهيءَ بدگُماني کي بيان ڪرڻ .

(روح المعاني، پ۲۶، الحجرات: تحت الآية ۱۲، ج ۲۶، ص ۴۲۹ ملخصًا)

مثلاً اوهان جي دعوت ۾ نہ پهچڻ واري اسلامي ڀاءُ ملاقات ٿيڻ تي پنهنجو ڪو عُذر پيش ڪيو پر اوهان جي دِل ۾

شيطان وسوسو وڌو تہ اهو ڪوڙ هٽي رهيو آهي ۽ اوهان انهيءَ گُمان جي پيروي ڪندي جلدي چٽي ڏنو تہ توهان ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهين تہ اهڙي بدگُماني حرام آهي.

## بدگُماني جون تباهہ ڪاريون

**مٺا مٺا اِسلامي ڀائرو!** بدگُماني ۾ مُبتِلا ٿيڻ وارو هلاڪت جي واديءَ ۾ وڃي پوندو آهي ڇو جو انهيءَ هڪ گُناهہ جي ڪري ٻيا ڪئين گُناهہ سَرزَد ٿيندا آهن مثلاً

(1) جيڪڏهن سامهون واري تي انهيءَ جو اِظهار ڪيو تہ انهيءَ جي دِل آزاري جو قوي انديشو آهي ۽ بغير اِجازتِ شرعي مسلمان جي دِل آزاري حرام آهي. حُضور پاڪ، صاحبِ لَولاڪ، سيّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”جنهن ڪنهن مسلمان کي تڪليف ڏني انهيءَ مون کي تڪليف ڏني ۽ جنهن مون کي تڪليف ڏني، ته انهيءَ الله تعالىٰ کي تڪليف ڏني.“

(المعجم الاوسط، الحديث ٣٦٠٧، ج ٢، ٣٨٦)

(2) جيڪڏهن انهيءَ جي غير موجودگيءَ ۾ ڪنهن ٻئي تي اظهار ڪيائين تہ غيبت ٿي ويندي ۽ مسلمان جي غيبت ڪرڻ حرام آهي. قرآن پاڪ ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَلَا يَغْتَبْ بَّعْضُكُمْ بَعْضًا ؕ أَيُحِبُّ أَحَدُكُمْ أَنْ يَّأْكُلَ لَحْمَ أَخِيْهِ مَيْتًا فَكَرِهْتُمُوْهُ ؕ

(پ ٢٦ ، الحجرات: ١٢)

**ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ هڪ ٻئي جي گِلا نہ ڪريو ڇا توهان مان ڪو پسند ڪندو جو پنهنجي مُئل ڀاءُ جو گوشت ڪائي، اهو توهان کي نہ وڻندو.

حُجّةُ الاِسلام اِمام محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي (اَلْمُتَوَفّٰي ٥٠٥هـ) ارشاد فرمائن ٿا: ”مسلمانن سان بدگُماني رکڻ شيطان جي

مڪر و فريب جي ڪري ٿيندو آهي، بيشڪ ڪجھ گُمان گُناھ ٿيندا آهن ۽ جڏهن ڪو شخص ڪنهن جي باري ۾ بدگُماني ڪي دِل ۾ ڄمائيندو آهي تہ شيطان انهيءَ کي اُڀاريندو آهي تہ اهو زبان سان انهيءَ جو اظهار ڪري اهڙي طرح اهو شخص غِيبت جو مُرتَڪِبُ ٿي هلاڪت جو سامان ڪندو آهي يا پوءِ انهيءَ جا حق پورا ڪرڻ ۾ ڪوتاهي ڪندو آهي يا پوءِ انهيءَ کي حقير ۽ پاڻ کي انهيءَ کان بهتر سمجهندو آهي ۽ اهي سيئي شيون هلاڪ ڪرڻ واريون آهن. (الحديقة الندية ج ٢، ص ٨)

(3) بدگُماني جي نتيجي ۾ تَجسُّس پيدا ٿيندو آهي ڇو تہ دِل صرف گُمان تي صَبر ناهي ڪندي بلڪ تَحقِيق طَلَب ڪندي آهي جنهن جي ڪري اِنسان تَجسُّس ۾ وجي پوندو آهي ۽ اهو بہ ممنوع آهي. اللّٰہ تعالیٰ ارشاد فرمايو:

وَلَا تَجَسَّسُوْا ترجمو ڪنزالايمان: ۽ عيب نہ ڳوليو.

(پ ٢٦ ، الحجرات: ١٢)

صدرُ الافاضل حضرت مولانا سيد محمد نعيم الدين مراد آبادي عليه رحمة الله الهادي (اَلْمُتَوَفّٰی ١٣٦٧ھ) انهيءَ آيت جي تحت تفسير خزائن العرفان ۾ لکن ٿا: ”يعني مسلمانن جي عيب جوئي نہ ڪيو ۽ انهيءَ جي لڪيل حال جي جستجو ۾ نہ رهو جنهن کي اللّٰہ تعالیٰ پنهنجي ستّاري سان لڪايو.“

(4) بدگُماني مان بُغض ۽ حَسَد جهڙا باطِني مرضَ پيدا ٿين ٿا.

(فتح الباري، الحديث ٦٠٦٦، ج ١، ص ٤١٠)

## بدگُماني جي خوفناڪ آفت

**مٺا مٺا اِسلامي ڀائرو!** والدين اولاد، ڀاءُ ڀيڻ، مڙس ۽ گھرواري، سس نُنھن، سُھرو نياڻو، ڏيراڻ ڀاڄائي، بلڪ سڄي گھروارا ۽ خاندان، پڻ اُستاد شاگرد، سيٺ ۽ نوڪر، تاجر ۽ گراھڪ، آفيسر ۽ مزدور، حاڪِم و مَحڪُوم الغرض ائين لڳندو آھي جو سڄي ديني ۽ دُنيوي شُعبن سان تَعلّق رکڻ وارن مسلمانن جي اڪثريت انھيءَ وقت بدگُماني جي خوفناڪ آفت جي لپيٽ ۾ آھي. ڪنھن کي موبائل تي فون ڪيو ۽ اھو Receive نہ ڪري تہ بدگُماني........مُڙس جي تَوَجُّھ گھر واريءَ جي طرف گھٽجي وئي تہ فورًا سَس سان بدگُماني.........پٽ جي تَوَجُّھ گھٽجي وئي تہ فورًا نُنھن سان بدگُماني.........ڪنھن فيڪٽري ۾ سٺي نوڪري مان فارغ ٿي ويو تہ دفتر جي ڪنھن فَرد سان بدگُماني .......... ڪاروبار ۾ نقصان ٿيو تہ ويجھي ڪاروباري حَرِيف سان بدگُماني......تنظيمي طور تي خِلاف تَوَقُّع ڳالھ ٿي وئي تہ ذِمّہ دارن سان بدگُماني....... اِجْتماع ذِڪْر و نعت جي اِنْتِظامات ۾ ڪمزوري ٿي تہ فورًا مُنْتَظِمِيْن سان بدگُماني .......... اِجْتماع ذِڪْر و نعت ۾ ڪو شخص جھُومي رھيو آھي يا روئي رھيو آھي تہ بدگُماني.........ڪنھن بُزُرگ يا پير پنھنجي مُرِيْدِيْن يا مُتَعَلِّقِيْن جي ترغيب جي لاءِ ڪو پنھنجو واقعو بيان ڪيو تہ فورًا انھيءَ سان بدگُماني ......... جنھن قَرْض ورتو ۽ رابطي ۾ نہ آيو يا جنھن مال بُڪ ڪرايو اھو نہ مليو تہ فورًا بدگُماني ....... ڪنھن وَقْت ڏنو ۽ اچڻ ۾ تاخير (دير) ٿي وئي تہ

بدگُماني.......... فلاڻي وٽ ٿوري ئي عرصي ۾ گاڏي، سُنو گهر ۽ ٻيون سهولتون ٿي ويون ته فورًا بدگُماني، انهيءَ کي شُهرت ملي وئي ته بدگُماني.

اوهان غور ڪندؤ ته ڏينهن رات خبر ناهي ته ڪيترا پيرا اسان بدگُماني جو شڪار ٿيندا هونداسين. پوءِ هي شروع ۾ پيدا ٿيندڙ بدگُماني انهيءَ شخص جي عيبن جي تاڙ ۾ لڳائيندي، حَسَد تي اُڀاريندي، غِيبَت ۽ بُهتَان تي اُڪسائيندي ۽ آخرت برباد ڪندي آهي. انهيءَ بدگُماني جي ڪري ياءُ ياءُ ۾ دُشمني ٿي ويندي آهي، سَس نُنهن ۾ جهيڙو ٿي پوي ٿو. مُڙس گهر واري ۾ جُدائي، ياءُ ڀينرن جي درميان قَطَع تَعلّقِي ٿي ويندي آهي ۽ ائين کلندي کلندي گهر تباهه ٿي ويندا آهن ۽ جيڪڏهن اهائي بدگُماني ڪنهن مَذهبي تحريڪ سان وابسته فردن ۾ اچي وڃي ته نِگران ۽ ماتَحَت جي وچ ۾ اِعتِماد جي فضا ختم ٿي ويندي آهي جنهن جي ڪري ناقابلِ بيان نقصان ڪٿُو پوندو آهي. ۽ جيڪڏهن اِها بدگُماني اولياء ڪرام رحمهم الله السّلام بالخصوص پنهنجي پير و مُرشِد سان هجي ته اهڙو شخص فُيُوض و بَرَڪات کان محروم رهندو آهي. اِمام اهلِسنّت، مجددِ دين و ملّت الشاهه مولانا احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن مريد تي پير جا حق بيان ڪندي ڪجهه هن طرح لکن ٿا: ”(پنهنجي پير جي متعلق) دِل ۾ بدگُماني کي جڳهه نه ڏي بلڪ يقين ڄاڻ ته منهنجي سمجهه جي غلطي آهي.“

(ماخوذ از فتاویٰ رضويه، ج۲۴، ص ۳۶۹)

## ”هدايت“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان اولياءِ ڪرام سان بدگُماني ڪرڻ وارن جي توبہ جون 5 حڪايتون

### (1) سوداگر جي توبہ

علّامہ عبد اللّٰہ بن اسعد يافعي عليه رحمة الله الوالي (اَلْمُتَوَفّٰی ٧٦٨ھ) لکن ٿا: هڪ صاحبِ علم و فضل بيان ڪن ٿا تہ بغداد ۾ هڪ سوداگر هو جيڪو اولياءِ ڪرام رحمهم الله تعالٰی جي شان ۾ بد ڪلامي ڪندو هو. ڪجھ عرصي کان پوءِ مون انهيءَ شخص کي اولياءِ ڪرام رحمهم الله تعالٰی جي صُحبت ۾ ڏٺو ۽ ڪنهن مون کي ٻڌايو تہ ان پنهنجي سموري دولت انهيءَ تي لُٽائي ڇڏي آهي. مون انهيءَ سوداگر جي انهيءَ تبديلي جو سبب دريافت ڪيو تہ انهيءَ ٻڌايو: مان غَلَطي تي هئس ۽ انهيءَ جو احساس مون کي هن طرح ٿيو جو هڪ ڀيري جمعي جي نَماز کان پوءِ مون حضرت سيّدنا بِشر حافِي عليه رحمة اللهِ الهادي کي ڏٺو تہ گهڻي جلدي ۾ مسجد مان نڪري رهيا آهن. مون سوچيو ڏس تہ سهي! هي شخص ائين تہ وڏو صُوفي ڇوَرائيندو آهي پر ٿوري دير لاءِ مسجد ۾ رُڪجڻ جي لاءِ تيار ناهي. مون سڀ ڪجھ ڇڏيو ۽ پنهنجي دِل ۾ چيو: ڏسان تہ سهي اهي ڪيڏانهن وڃن ٿا؟ ۽ انهن جي پويان پويان هلي پيس. انهن بازار وڃي ڪري ماني پچائڻ واري کان نرم نرم مانيون خريد ڪيون، مون سوچيو صُوفي صاحب کي ڏسو نرم نرم مانيون وني رهيا آهن، انهيءَ کان بعد انهن ڪباب واري کان هڪ دِرهم جا ڪباب ورتا، اهو ڏسي ڪري منهنجي ڪاوڙ اجا وڌي وئي. اُتان کان اهي حلوائي جي

دُڪان تي پهتا ۽ هڪ دِرهم جو فالوده ورتائون. مون دِل ۾ سوچي ڇڏيو ته انهيءَ کي خريد ڪرڻ ڏي. جڏهن هي انهيءَ کي کائيندا ته مان انهن جو مزو ڪِرڪرو ڪندس. سيئي شيون خريد ڪرڻ کان پوءِ پاڻ جهنگل جي واٽ ورتي. مون سوچيو انهن کي ويهي ڪري کائڻ جي لاءِ شايد سبزه زار ۽ پاڻي جي ڳولا آهي. اهڙي طرح مان انهيءَ جي پويان لڳيو رهيس تان جو عَصر جي وقت اهي هڪ ڳوٺ جي مسجد ۾ پهتا، جتي هڪ بيمار ماڻهو موجود هو. پاڻ انهيءَ جي سيرانديءَ ويهي ڪري انهيءَ کي کاڌو کارائڻ لڳا. مان ٿوري دير جي لاءِ اُتان هليو ويس ۽ ڳوٺ جي سير لاءِ نڪري ويس. جڏهن مان واپس موٽيس ته حضرت بِشر حافي عليه رحمة الله الهادي اُتي نه هئا. مون انهيءَ بيمار کان حضرت عليه رحمة الله الهادي جي باري ۾ پڇيو ته انهيءَ ٻڌايو ته اهي بغداد هليا ويا. مون پڇيو: ”بغداد هتان کان ڪيترو پري آهي؟“ انهيءَ ٻڌايو ”تقريبًا ١٢٠ ميل“ منهنجي زبان مان نڪتو: ”اِنَّا لِلّٰہِ وَ اِنَّا اِلَیۡہِ رَاجِعُوۡنَ.“ مون کي پنهنجي ڪَئي تي ڏاڍو پڇتاءُ ٿيو. مون وٽ ايترا پئسا نه هئا جو سواري تي وڃان ۽ نه جسم ۾ ايتري طاقت جو پيادل وڃي پهچان. انهيءَ بيمار مشورو ڏنو ته ”حضرت بِشرحافي عليه رحمة الله الهادي جي اچڻ تائين اتي رهو.“ اهڙي طرح مان ٻئي جمعي تائين اتي رُڪجي پيس.

اڳئين جمعة المُبارڪ حضرت بِشرحافي عليه رحمة الله الهادي کاڌو کڻي وري بيمار وٽ پهتا. جڏهن پاڻ انهيءَ کي کاڌو کارائي چڪا ته انهيءَ چيو: ”اي ابونصر! هي شخص گذريل

جمعي اوهان جي پويان هتي آيو هو ۽ هفتو کن کان هتي ئي آهي انهيءَ کي واپس پهچايو.“ حضرت بِشر حافي عليه رحمة الله الهادي جلال مان منهنجي طرف ڏٺو ۽ پڇيو: ”مون سان ڇو آيو هئين؟“ مون چيو: ”مون کان غلطي ٿي وئي.“ فرمايائون: ”منهنجي پويان پويان هليو اچ.“ مان انهيءَ جي پويان هلندو رهيس تان جو مغرب جي وقت اسان شهر جي ويجهو پهتاسين، انهن منهنجي محلّي جي باري ۾ پڇيو ۽ منهنجي ٻڌائڻ کان پوءِ فرمائڻ لڳا: ”وڃ ۽ ٻيو ڀيرو ائين نہ ڪجان.“ مون انهيءَ وقت اولياءِ ڪرام رحمهم الله تعالى جي باري ۾ بدگوئي کان توبہ ڪئي ۽ انهن جي صحبت اِختيار ڪئي ۽ هاڻي انهيءَ تي قائم رهندس. ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ

(روض الرياحين، الحكاية السابعة والثلاثون بعد الماتين، ص ٢١٨ ملخصًا)

**مٺامٺا اِسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان اولياءِ ڪرام رحمهم الله تعالى سان بُغض ۽ عَدَاوَت رکڻ ۽ اُنهن جي باري ۾ بدگُماني ڪري ٿوهہ ۾ پوڻ واري کي ڪيتري شرمندگي ڪڍڻي پئي. الله تعالىٰ اسان کي پنهنجي ولين سان حُسنِ عقيدت قائم رکڻ جي توفيق ڏئي. اٰمين بِجَاهِ النّبي الامين صلّى الله تعالى عليه واٰلہٖ وسلّم

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (2) بدگُماني ڪرڻ واري ٻانهي

علّامہ عبد الڪريم بن هوازن قشيري عليه رحمة الله الوالي (اَلْمُتَوَفّٰي ٤٦٥هـ) لکن ٿا: حضرت سيّدنا ابو الحسن نوري عليه رحمة الله الهادي جي ٻانهي زيتونہ جو بيان آهي: هڪ ڀيري سخت سيءُ هئو، مون حضرت کان پڇيو: ”اوهان جي لاءِ ڪجھ آڻيان؟“ تہ پاڻ رحمة

الله تعالى عليه کير ۽ ماني کڻي اچڻ جو حڪم فرمايو. مان گهربل شيون کڻي ڪري خدمت ۾ حاضر ٿيس ته ڏٺم اوهان جي سامهون ڪجھ ڪوئلہ پيا آهن جنهن کي اوهان هٿن سان اٿلائي پٿلائي رهيا آهيو. اوهان ماني ورتي ۽ کائڻ شروع ڪئي. هاڻي منظر هي هئو جو اوهان ماني کائي رهيا هئا ۽ کير اوهان جي هٿ مان وهي رهيو هو ۽ هٿ تي ڪوئلي جي ڪاراڻ لڳل هئي. اهو ڏسي مون دِل ۾ چيو: الٰهي عَزَّوَجَلَّ! تنهنجا هي ولي ڪيتري قدر گندا هوندا آهن انهن مان ڪوبہ صفائي جو خيال رکڻ وارو نہ هوندو آهي.“

انهيءَ کان پوءِ مان ڪنهن ڪم سان گهر کان ٻاهر نڪتيس تہ اوچتو هڪ عورت اچي مون کي چنبڙي وئي ۽ مون تي پنهنجي ڪپڙن جي ڳنڍڙي جي چوري جو الزام هڻڻ لڳي. منهنجي فرياد ڪرڻ جي باوُجُود ماڻهو مون کي ڪوتوال وٽ وٺي ويا. حضرت کي اطلاع ملي تہ اوهان تشريف کڻي آيا ۽ منهنجي حق ۾ سِفارِش فرمائي. پر ڪوتوال نهايت ادب سان عرض ڪرڻ لڳو: ”حضرت انهيءَ کي ڪيئن ڇڏي سگهان ٿو جڏهن تہ هي عورت انهيءَ تي چوري جو الزام هڻي رهي آهي.“ ايتري ۾ هڪ ڇوڪري اتي آئي جنهن وٽ اها ڳنڍڙي هئي ۽ منهنجي رهائي ٿي. حضرت مون کي وٺي گهر واپس آيا ۽ فرمايائون: ”ڇا هاڻي وري بہ چوندينءَ تہ الله جا ولي ڪيتري قدر گندا ٿيندا آهن.“ اهو ٻڌي ڪري مان حيران رهجي ويس ۽ جلدي توبہ ڪئي. (الرسالة القشيرية، باب حديث الغار، ص ٤٠٦)

## (3) ولي جي طاقت

اِمامِ اهلِسنّت مجددِ دين و ملت الشاهہ مولانا احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن (اَلْمُتَوَفّٰی ١٣٤٠ھ) حڪايت بيان ڪئي آهي: حضرت خواجہ نقشبند رحمة الله تعالى عليه بخارا ۾ حضرت امير ڪلال رحمة الله تعالى عليه جي واڪاڻ ٻڌي ڪري خدمت ۾ حاضر ٿيا. اوهان ڏٺو تہ جاءِ جي اندر خاص ماڻهن جو هجوم آهي. ۽ ميدان ۾ ڪُشتي (ملهہ) ٿي رهي آهي. حضرت بہ موجود آهن ۽ ڪُشتي ۾ شريڪ آهن. حضرت خواجہ نقشبند عالمِ جليل پابندِ شريعت (هئا) انهن جي دِل ڪجهہ پسند نہ ڪيو حالانڪہ انهيءَ ۾ شرعًا (اڄڪلهہ جي ڪُشتين وانگر) ڪا ناجائز ڳالهہ بہ شامل نہ هئي، هي خيال اچڻو هي هئو تہ غنودگي طاري ٿي وئي ڏٺائين تہ حشر جو ميدان آهي، انهن جي ۽ جنّت جي درميان دلدل جو هڪ دريا حائل آهي. پاڻ گذري ڪري انهيءَ جي پار وڃڻ چاهيو ٿي، ائين انهيءَ ۾ گهڙيا ۽ جيترو زور لڳائڻ پيا اوترو ئي ڌڀجندا وڃن پيا ايتري تائين جو بغلن تائين ڌڀجي ويا.

هاڻي نهايت پريشان ٿيا تہ هاڻي ڇا ڪيان. ايتري ۾ ڏٺائون تہ حضرت امير ڪلال رحمة الله تعالى عليه تشريف فرما ٿيا ۽ هڪ هٿ سان ٻاهر ڪڍي ڪري دريا جي پار پهچايائون. پوءِ اوهان جي اک کُلي وئي ۽ ان ڪان پهريان جو اوهان ڪجهہ چئو ها، حضرت امير ڪلال رحمة الله تعالى عليه فرمايو تہ جيڪڏهن اسان ڪُشتي نہ وڙهون تہ اها طاقت ڪٿان ڪان اچي (يعني اسان جو وڙهڻ الله تعالیٰ جي رضا ۽ جهاد جي تياري لاءِ آهي) اهو ٻڌي ڪري پاڻ

جلدي انهن جي قدمن ۾ ڪري پيا ۽ انهن جي هٿ تي بيعت ڪيائون. (ملفوظات اعلیٰ حضرت رحمة الله تعالى عليه، حصه۴ ، ص ۳۶۴)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (4) سهڻي رنگ وارو صُوف

اِمامِ اهلِسنّت مجددِ دين و ملت الشاه مولانا احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن (اَلْمُتَوَفّٰي ۱۳۴۰ھ) جو بيان آهي: هڪ صاحب اولياءِ ڪرام رحمة الله تعالى عليهم مان هئا. اوهان جي خدمت ۾ بادشاهِ وقت قدم بوسي لاءِ حاضر ٿيو. حضرت وٽ ڪجهه صوف نذر ۾ آيا هئا. حضور هڪ صوف بادشاهه کي ڏنو ۽ چيائين کائو. انهيءَ عرض ڪيو ته حضور به کائن، اهڙي طرح اوهان به کاڌا ۽ بادشاهه به، انهيءَ وقت بادشاهه کي دِل ۾ خيال گذريو ته هي جيڪو سڀ کان وڏو سهڻي رنگ وارو صُوف آهي جيڪڏهن پنهنجي هٿ سان ڪڍي مون کي ڏين ته مان سمجهندس ته هي ولي آهن. پاڻ رحمة الله تعالى عليه اهو صُوف ڪڍي ڪري فرمايو: ”اسان مِصر ويا هئاسين اتي هڪ جڳهه وڏو هجوم هو، ڏٺوسين ته هڪ شخص آهي انهيءَ وٽ هڪ گڏهه آهي انهيءَ جي اکين تي پٽي ٻڌل آهي. هڪ شيءِ هڪ شخص جي ٻئي وٽ رکي وڃي ٿي. انهيءَ گڏهه کان پڇيو وڃي ٿو، گڏهه سڄي مجلس جو دورو ڪري ٿو، جنهن وٽ هوندي آهي، وڃي ڪري ڪنڌ جهڪائي ٿو.“ اها ڳالهه اسان انهيءَ جي ڪري بيان ڪئي ته جيڪڏهن اهو صُوف نه ڏيون ته اسان ولي نه آهيون، ۽ جيڪڏهن ڏينداسين ته

انهيءَ گڏھ کان وڏي ڪري کھڙو ڪمال ڏيکاريوسين. اھو چئي ڪري صُوف بادشاھ جي طرف اڇلايائون.

(ملفوظات اعلیٰ حضرت قدس سره، حصه۴ ، ص ۳۴۲)

**مٺامٺا اِسلامي ڀائرو!** **معلوم ٿيو تہ اولياءَ الله** رحمهم الله تعالى جي بارگاھ ۾ زبان سان گڏوگڏ دِل بہ سنڀالي ڪري ويھڻ گھرجي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (5) شاھي دربار ۾ سِفَارِش

**شيخ فريد الدين عطّار** رحمة الله الغفار (اَلْمُتَوَفّٰی ٦٠٦ھ) **لکن ٿا:** ہ درويش ڊگھي سفر کان پوءِ **حضرت ابو عبد الله خفيف** عليه رحمة الله اللطيف سان ملڻ ويا تہ معلوم ٿيو تہ اوھان شاھي دربار ۾ جلوه فرما آھيو. اھو ٻڌي ڪري انھن ماڻھن سوچيو تہ ھي ڪنھن قِسم جا بُزرگ آھن جيڪي شاھي دربار ۾ حاضري ڏيندا آھن. بھرحال اھي ٻئي بازار جي طرف نڪري ويا ۽ پنھنجو ڪيسو سبرائڻ درزي جي دُڪان تي ويا. انھيءَ دؤران درزي جي قينچي گُم ٿي وئي ۽ انھيءَ انھن ٻنھي کي چوري جي شبھي ۾ گرفتار ڪرايو. جڏھن پوليس ٻنھي کي وٺي ڪري شاھي دربار ۾ پھتي تہ **حضرت ابو عبدالله خفيف** عليه رحمة الله اللطيف بادشاھ کي انھن جي سِفارِش ڪندي فرمايو: ”اھي ٻئي چور نہ آھن انھيءَ لاءِ انھن کي ڇڏيو وڃي.“ اھڙي طرح اوھان جي سفارش تي انھن ٻنھي کي ڇڏيو ويو. انھيءَ کان پوءِ اوھان انھن ٻنھي کي فرمايو: ”مان انھيءَ ڪري دربار شاھي ۾ موجود

هوندو آهيان.“ هي ٻڌي ڪري اهي ٻئي معذرت ڪرڻ لڳا ۽ اوهان جي عقيدتمندن ۾ شامل ٿي ويا.

(تذکرة الاولياء، ذکر ابو عبد الله خفيف، ص ١٠٩)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## ”بدگُماني کان بچو“ جي ٻارهن اکرن جي نسبت سان بدگُماني جا 12 علاج

مٺامٺا اِسلامي ڀائرو! بدگُماني جي هلاڪت خيزين کان بچڻ لاءِ اسان کي گهرجي تہ انهيءَ باطِني مرض جي علاج جي لاءِ عملي ڪوشش جو آغاز ڪريو.

**پهريون علاج:**

اسان کي گهرجي تہ پنهنجي مسلمان ڀائرن جي خوبين تي نظر رکون. جيڪو پنهنجي مسلمان ڀائرن جي باري ۾ حسنِ ظن رکندو آهي انهيءَ کي قلبي سڪون نصيب ٿيندو ۽ جيڪو بدگُماني جي بُري عادت ۾ مُبتِلا ٿيو انهيءَ جي دِل ۾ وحشتن جو ديرو رهي ٿو.

**ٻيون علاج:**

پنهنجي اِصلاح جي ڪوشش جاري رکجي ڇو جو جيڪو پاڻ نيڪ هوندو آهي اهو ٻين جي باري ۾ بہ سُٺو گمان رکندو آهي. جيڪو پاڻ بُرن ڪمن ۾ مشغول رهندو آهي انهيءَ کي ٻيا بہ پاڻ جهڙا نظر ايندا آهن. عربي مقولو آهي: اِذَا سَآءَ فِعْلُ الْمَرْءِ سَآءَتْ ظُنُوْنُه يعني جڏهن ڪنهن جا ڪم بُرا ٿي وڃن انهيءَ

جا گُمان بہ بُرا ٿي ويندا آهن. (فيض القدير، ج٣، ص١٥٧)

**ٽيون علاج:**

بُري صحبت کان بچندي چڱي صُحبت اِختيار ڪيو، جتي ٻيون بَرَڪتون ملنديون اُتي بدگُماني کان بچڻ ۾ مدد ملندي. روح المعاني ۾ آهي: صُحْبَةُ الْاَشْرَارِ تُوْرِثُ سُوْءَ الظَّنِ بِالْاَخْيَارِ يعني بُرن جي صحبت چڱن سان بدگُماني پيدا ڪندي آهي.

(روح المعانی، پ١٦، مريم: تحت الآية ٩٨، ج ١٦، ٦١٢)

**چوٿون علاج:**

جڏهن بہ دِل ۾ ڪنهن مسلمان جي باري ۾ بدگُماني پيدا ٿئي تہ پنهنجي تَوَجُّه انهيءَ جي طرف ڪرڻ جي بجاءِ بدگُماني جي شرعي حڪمن کي پيشِ نظر رکو ۽ بدگُماني جي انجام تي نگاهہ رکندي پاڻ کي عذابِ الٰهي کان ڊيڄاريو. مٺاڻا اِسلامي ڀائرو! يقيناً اسان جهنم جو هلڪي ۾ هلڪو عذاب بہ برداشت ڪرڻ جي طاقت نہ ٿا رکون. حضرت ابن عباس رضي الله تعالی عنهما روايت ڪن ٿا تہ رسولِ اڪرم، نورِ مُجسم صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”دوزخين ۾ سڀ کان هلڪو عذاب جنهن کي ٿيندو انهيءَ کي باهہ جا جوتا پارايا ويندا جنهن سان انهيءَ جو دِماغ ٻَڙڪڻ لڳندو.“ (صحيح البخارى، باب صفة الجنة والنار،حديث ٦٥٦١،ج ٤،ص ٢٦٢)

**پنجون علاج:**

پنهنجي مالڪ و مولا عَزَّوَجَلَّ جي بارگاهہ ۾ دُعا جا هٿ بلند ڪيو ۽ هيئن عرض ڪيو: ”اي منهنجا مالڪ عَزَّوَجَلَّ! تنهنجو هي ڪمزور ۽ ضعيف ٻانهو دُنيا و آخرت ۾ ڪاميابي جي لاءِ انهيءَ

بدگُماني کان پنهنجي دِل کي بچائڻ چاهي ٿو. اي منهنجا ربّ عَزَّوَجَلَّ! منهنجي مدد فرما ۽ منهنجي انهيءَ ڪوشش کي ڪاميابي جي منزل تائين پهچاءِ. اي الله عَزَّوَجَلَّ! مون کي پنهنجي خوف سان معمور دِل، روئڻ واري اک ۽ ڏکڻ وارو بدن عطا فرما.

اٰمين بِجاهِ النّبيّ الامين صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

**ڇهون علاج:**

جڏهن بہ ڪنهن مسلمان جي باري ۾ دِل ۾ بُرو گُمان اچي تہ انهيءَ تي توجّہ نہ ڏيو بلڪ ان کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو ۽ انهيءَ جي عمل تي سُنو گمان قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو. مثلاً ڪو اِسلامي ڀاءُ نعت يا بيان ٻڌندي لُڙڪ وهائي رهيو هجي ۽ انهيءَ کي ڏسي ڪري اوهان جي دِل ۾ انهيءَ جي متعلق رِيا ڪاري جي بدگُماني پيدا ٿيندي هجي تہ فورًا انهيءَ جي اخلاص سان روئڻ جي باري ۾ حُسنِ ظن قائم ڪيو. الله عَزَّوَجَلَّ جو فرمان عظمت نِشان آهي:

لَوْ لَآ اِذْ سَمِعْتُمُوْهُ ظَنَّ الْمُؤْمِنُوْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتُ بِاَنْفُسِهِمْ خَيْرًا ۙ وَّقَالُوْا هٰذَآ اِفْكٌ مُّبِيْنٌ ﴿۱۲﴾

**ترجمو ڪنز الايمان:** ۽ ائين ڇو نہ ٿيو جڏهن توهان اهو ٻڌو هو تہ مسلمان مردن ۽ مسلمان عورتن پنهنجن تي چڱو گُمان ڪيو هجي ها ۽ چون ها تہ هيءُ کليو ڪلايو بهتان آهي.

(پ ١٨ ، النور: ١٢)

علّامہ محمد بن جرير طبري عليه رحمة الله القوي (اَلْمُتَوَفّٰي ٣١٠ھ) انهيءَ آيت جي تفسير ۾ لکن ٿا: يعني مؤمنين هڪ ٻئي جي باري ۾ حُسنِ ظن قائم ڪن ۽ انهيءَ کي بيان بہ ڪن جيستوڻيڪ گمان يقين جي دَرجي تي نہ پهتو هجي.

(جامع البيان فی تاویل القرآن، پ٢٦، الحجرات: تحت الآية ١٢، ج ١١، ص ٣٩٤ ملخصًا)

انهيءَ آيت جي تحت تفسير خزائن العرفان ۾ آهي: ”مسلمان لاءِ اهو ئي حڪم آهي تہ مسلمان سان نيڪ گُمان ڪري ۽ بدگُماني ڪرڻ منع آهي.“

## ”حُسنِ ظن“ جي پنجن اکرن جي نسبت سان حُسنِ ظن جي باري ۾ 5 روايتون

### (1) سُٺو گُمان عبادت آهي

اللّٰه عَزَّوَجَلَّ جي مَحبُوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّہ عَنِ الۡعُيُوب صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”سُٺو گُمان سُٺي عبادت آهي.“ (سنن ابي داؤد، كتاب الادب، ج ۴، ص ٣٨٧، الحديث ۴٩٩٣)

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي عليه رحمة الله القوي (اَلۡمُتَوَفّٰي ١٣٩١ھ) انهيءَ حديث جا مختلف مطلب بيان ڪندي لکن ٿا: ”يعني مسلمانن سان سُٺو گُمان ڪرڻ، انهيءَ تي بدگُماني نہ ڪرڻ اها بہ سُٺي عبادات مان هڪ عبادت آهي.“

(مراۃ المناجيح، ج ٦، ص ٦٢١)

### (2) بدگُماني تي اَٽل نہ رهو

حضرت سيّدنا حارثہ بن نعمان رضي الله تعالى عنه کان مروي آهي تہ نور جا پيڪر، سيني نبين جا سَرۡوَر، سلطانِ بَحر و بر صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”منهنجي امت ۾ ٽي شيون لازمًا ٿينديون: بدفالي، حَسَد، ۽ بدگُماني.“

هڪ صحابي رضي الله تعالى عنه عرض ڪيو: ”يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنهن شخص ۾ اهي ٽي خصلتون هجن اهي انهن

جو ڪنهن طرح تدارُڪ ڪري؟” ارشاد فرمايائون: ”جڏهن توهان حَسَد ڪيو تہ اللّٰه تعالیٰ کان اِسۡتَغۡفَار ڪيو ۽ جڏهن توهان کا بدگُماني ڪيو تہ انهيءَ تي اَٽل نہ رهو ۽ جڏهن توهان بدفالي ڪڍو تہ انهيءَ ڪم کي ڪيو.“

(المعجم الکبير، الحديث ٣٢٢٧، ج ٣، ص ٢٢٨)

علّامہ محمد عبد الرَّؤُف مناوي عليه رحمة الله الهادي (اَلۡمُتَوَفّٰي ١٠٣١ھ) فيض القدير ۾ لکن ٿا: انهيءَ حديث ۾ انهيءَ ڳالهہ جي طرف اشارو آهي تہ هي ٽئي خصلتون اَمراضِ قلب (دِل جي باطني بيمارين) مان آهن جن جو علاج ضروري آهي جيڪو حديث ۾ بيان ڪيو ويو آهي. بدگُماني کان بچڻ جو طريقو هي آهي تہ دِل يا عضون سان انهيءَ جي تصديق نہ ڪجي. تصديق قلبي مان مراد هي آهي تہ انهيءَ گمان کي دِل تي ڄمائي ۽ انهيءَ کي ناپسند نہ سمجهي. ۽ انهيءَ (يعني تصديقِ قلبي) جي علامت هي آهي تہ بدگُماني ڪرڻ وارو انهيءَ بُري گمان کي زبان سان بيان ڪري.

(فيض القدير، الحديث ٣٤٦٥، ج ٣، ص ٤٠١)

حُجَّةُ الاِسلام اِمام محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي (اَلۡمُتَوَفّٰي ٥٠٥ھ) فرمائن ٿا: ”بدگُماني جي حرام هئڻ جي وجہ هي آهي تہ دِل جي رازن کي صرف اللّٰه تعالیٰ ڄاڻندو آهي. انهيءَ جي ڪري توهان لاءِ ڪنهن جي باري ۾ بُرو گُمان رکڻ انهيءَ وقت تائين جائز نہ آهي جيستائين توهان انهيءَ جي بُرائي هن طرح ظاهر نہ ڏسو جو انهيءَ ۾ تاويل جي گنجائش نہ رهي. پوءِ انهيءَ وقت يقيناً انهيءَ شيءَ جو يقين رکڻو پوندو جنهن کي توهان

سمجهيو ۽ ڏنو آهي، ۽ جيڪڏهن توهان انهيءَ جي بُرائي کي نه پنهنجي اکين سان ڏنو ۽ نه ئي ڪنن سان ٻڌو پر پوءِ به توهان جي دِل ۾ انهيءَ جي باري ۾ بُرو گمان پيدا ٿيو ته سمجهي وڃو ته اها ڳالهه توهان جي دِل ۾ شيطان وڌي آهي. انهيءَ وقت توهان کي گهرجي ته دِل ۾ اچڻ واري انهيءَ گمان کي جُهٽلائي ڇڏيو ڇو جو اهو سڀ کان وڌو فِسِق آهي.“ مزيد لکن ٿا: ”ايتري تائين جو جيڪڏهن ڪنهن شخص جي وات مان شراب جي ڌپ اچي رهي هجي ته انهيءَ تي شرعي حد لڳائڻ جائز نه آهي. ڇو جو ٿي سگهي ٿو ته انهيءَ شراب جو ڍُڪ پريندي ئي گُرڙي ڪري ڇڏي هجي يا ڪنهن انهيءَ کان زبردستي پياريو هجي. جڏهن اهي سڀئي اِحتِمال موجود آهن ته (بنا ثبوتِ شرعي جي) صرف دلي خيالن جي صورت ۾ تصديق ڪرڻ ۽ انهيءَ مسلمان جي باري ۾ بدگُماني ڪرڻ جائز نه آهي.“

(احياء علوم الدين، كتاب آفات اللسان، ج ٣، ص ١٨٦)

## (3) سُني صورت تي محمول ڪيو

جليلُ القدر تابِعي حضرت سيّدنا سعيد بن مُسيّب رضي الله تعالى عنه فرمائن ٿا: ”اصحابِ رسول رضي الله تعالى عنهم مان منهنجي ڪجهه ڀائرن مون کي لکي ڪري موڪليو ته پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي فعل کي سُني صورت تي محمول ڪيو جڏهن ته انهيءَ جي خلاف ڪا دليل غالب نه ٿئي ۽ ڪنهن مسلمان ڀاءُ جي زبان مان نڪرڻ وارن ڪلمن کي انهيءَ وقت تائين برو گمان نه ڪيو جيستائين جو توهان انهيءَ کي ڪنهن سُني صورت تي محمول

ڪري سگھندا ھجو ۽ جيڪو پنھنجي پاڻ کي تُھمت جي لاءِ پيش ڪري انھيءَ کي پاڻ کان سواءِ ڪنھن کي ملامت نہ ڪرڻ گھرجي.“ (شعب الايمان، باب فی حسن الخلق، فصل فی ترک الغضب، الحديث ۸۳۴۵، ج ٦، ص ۳۲۳)

حضرت عمر بن خطاب رضي اللہ تعالیٰ عنہ جو فرمانِ نصيحت نشان آھي: ”پنھنجي ڀاءُ جي زبان ڪان نڪرڻ وارن ڪلمن جي باري ۾ بدگُماني نہ ڪيو جيستائين جو توھان انھيءَ کي ڀلائي تي مَحْمُول ڪري سگھندا ھجو.

(الدر المنثور، ج ۷،الحجرات تحت الآية ۱۲ص ۵٦۵)

## (4) مسلمان جو حال حتيٰ الامڪان چڱائي تي محمول ڪرڻ (گمان ڪرڻ) واجب آھي

اِمامِ اھلِسنّت مجددِ دين و ملت الشاہ مولانا احمد رضا خان عليہ رحمة الرحمٰن (اَلْمُتَوَفّٰي ۱۳۴۰ھ) فتاویٰ رضويہ شريف ۾ لکن ٿا: ”مسلمان جو حال حَتّيٰ الْاِمْڪَان چڱائي تي محمول ڪرڻ (يعني گمان ڪرڻ) واجب آھي.“ (فتاویٰ رضويہ، ج ۱۹، ص ٦۹۱)

صدرُ الْاَفَاضِل حضرت مولانا سيِّد محمد نعيم الدين مراد آبادي عليہ رحمة اللہ الھادي (اَلْمُتَوَفّٰي ۱۳٦۷ھ) تفسير خزائنُ العِرفان ۾ لکن ٿا: ”مؤمِنِ صالح سان بُرو گمان ممنوع آھي ائين (جو) انھيءَ جي ڪا ڳالھہ ٻڌي ڪري فَاسِد معنیٰ مراد وٺڻ باوُجُود انھيءَ جي جو ان جون ٻيون صحيح معنائون بہ موجود ھجن ۽ مسلمان جو حال انھيءَ جي مُوَافِق ھجي تہ بہ گمانِ بد ۾ دَاخِل آھي.“

(خزائن العرفان، پ ۲٦ ، الحجرات ۱۲)

## (5) مسلمان سان حُسنِ ظن رکڻ مُستَحَبّ آهي

علّامہ عبد الغني نابلسي عليه رحمة الله القوي (اَلْمُتَوَفّٰی ١١۴٣ھ) لکن ٿا: جڏهن ڪنهن مسلمان جو حال لِڪل هجي (يعني انهيءَ جي نيڪ هجڻ جو اِحتِمال هجي ۽ بد هئڻ جو بہ) تہ انهيءَ سان حُسنِ ظن رکڻ مُستَحَبّ ۽ انهيءَ جي باري ۾ بدگُماني حرام آهي.

(الحديقة الندية ج ٢، ص ١٦،١٧ ملخصًا)

## عبادت گذار فقير

علّامہ عبد الله بن اسعد يافعي عليه رحمة الله الوالي (اَلْمُتَوَفّٰی ٧٦٨ھ) لکن ٿا: اِمامُ الطائفہ حضرت سيّدنا ابو القاسم جُنيد بغدادي عليه رحمة الله الهادي هڪ ڀيري مسجد شونيزيہ ۾ ويهي ڪنهن جنازي جو انتظار ڪري رهيا هئا، ٻيا بہ گهڻا بغداد جا رهاڪو اُتي موجود هئا. اوهان اُتي هڪ فقير کي ڏٺو جنهن جي منهن تي عبادت ۽ رياضت جا نشان ظاهر هئا. اهو ماڻهن کان سُوال ڪري رهيو هو. حضرت سيّدنا جنيد بغدادي عليه رحمة الله الهادي سوچيو تہ انهيءَ جي بجاءِ جيڪڏهن هي ڪو اهڙو ڪم ڪري جنهن جي سبب هي ماڻهن کان سُوال ڪرڻ جي آفت کان بچي وڃي تہ بهتر هو. انهيءَ رات جي ڳالهہ آهي تہ سيّدنا جنيد بغدادي عليه رحمة الله الهادي تي پنهنجا رات جا معمولات (نفل ۽ وظيفا وغيره) ڏکيا ٿي پيا ۽ ڪنهن ڪم ۾ دِل نہ پئي لڳي. اوهان گهڻي دير تائين ائين جاڳندا رهيا آخرڪار اوهان تي ننڊ جو غلبو ٿيو ۽ اوهان جي اک لڳي وئي. اوهان فرمايو ٿا تہ مون خواب ۾ ڏٺو تہ هڪ فقير کي آندو ويو ۽ هڪ دسترخوان تي رکيو ويو ۽ مون کي چيو

وجي ٿو تہ انهيءَ جو گوشت کاءِ، تو انهيءَ جي غِيبَت ڪئي آهي. مون تي حقيقتِ حال واضح ٿي وئي (يعني مان سمجهي ويس تہ انهيءَ فقير جي باري ۾ بدگُماني ڪرڻ جي باري ۾ تَنبِيهہ ڪئي وئي آهي) مون عرض ڪيو: ”مون انهيءَ جي غِيبَت ناهي ڪئي، هائو! انهيءَ جي متعلق دِل ۾ ڪجهہ اهڙو سوچيو هو.“ جواب مليو: ”تون انهن ماڻهن مان ناهين، جنهن کان اسان ايتري قدر گوارا ڪيون، وڃ! انهي ٻانهي کان معافي وٺ.“ پاڻ عليه رحمة الله الهادي فرمائن ٿا: ”صبح جو انهيءَ جي ڳولا ۾ نڪتس، اهو دريا جي ڪناري مون کي ملي ويو ۽ پاڇيون ڌوئڻ وارا جيڪي پن اتي ڇڏي ويندا آهن اهي چوندي رهيو آهي. مون انهيءَ کي سلام ڪيو تہ انهيءَ جواب ڏيڻ کان پوءِ چيو: ”اي ابوالقاسم! ٻيهر ائين ڪندين؟“ مون چيو: ”نہ“ انهيءَ چيو: ”وڃ الله تعالیٰ توکي ۽ اسان کي معاف فرمائي.“

(روض الرياحين، الحکاية الثامنة و العشرون بعد الماة، ص ١٥٥ ملخصًا)

**مٺا مٺا اِسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ ڪنهن جي ظاهري لباس جي سادگي ڏسي ڪري انهي کي حقير نہ سمجهڻ گهرجي ڇو جو ٿي سگهي ٿو تہ اهو ”گودڙي جو لعل“ هجي. حضرت سيّدنا ابو هريره رضي الله تعالى عنه کان روايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”گهڻا ڦاٽل ڪپڙن وارا اهڙا هوندا آهن جو جيڪڏهن اهي ڪنهن ڳالهہ تي الله (عَزَّوَجَلَّ) جو قسم کڻن تہ الله (عَزَّوَجَلَّ) انهن جو قسم پورو فرمائيندو آهي.“(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان، کتاب المعجزات، باب من ابطل وجود المعجزات، الحديث ٦٤٤٩ ج ٨ ،ص ١٣٩)

## گُمانن کان بچو

اِمامِ اهلِسنّت مجددِ دين و ملت الشاهہ مولانا احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن (اَلْمُتَوَفّٰی ۱۳۴۰ھ) فرمايو: هڪڙي پيري امام جعفر صادق رضي الله تعالى عنه هڪ گودڙي پائي مدينہ طيّبہ کان ڪعبہ مُعَظّمہ تشريف کڻي وڃي رهيا هئا ۽ هٿ ۾ صرف هڪڙو تاملوٽ (ٽين جو ٿانوَ) هئن. حضرت شفيق بلخي رحمة الله تعالى عليه ڏٺو (تہ) دِل ۾ خيال ڪيائون تہ هي فقير، ٻين تي پنهنجو بار وجهڻ چاهي ٿو. هي شيطاني وسوسو اچڻو ئي هو تہ امام جعفر صادق رضي الله تعالى عنه فرمايو: شفيق بچو گُمانن کان بعض گمان گُناهہ هوندا آهن.“ نالو ٻڌائڻ ۽ دِلي وسوسي تي آگاهي سان نهايت عقيدت ٿي وئي ۽ امام سان گڏجي پيس. رستي ۾ هڪ دڙي تي پهچي اِمام انهيءَ مان ٿوري ريتي کڻي تاملوٽ ۾ گهمائي ڪري پيتي ۽ سيّدنا شفيق بلخي رحمة الله تعالى عليه کي بہ پيئڻ جو فرمايو. انهن کي انڪار جي واٽ نہ ملي. جڏهن پيتو تہ اهڙا نفيس لذيذ خوشبودار ستّو هئا جيڪي سڄي عمر ۾ مون نہ ڏٺا نہ ٻڌا.

(ملفوظات اعلیٰ حضرت رحمة الله تعالى عليه، حصه پيو، ص ۲۲۲)

### ستون علاج:

پنهنجي ڪم سان ڪم رکڻ جي عادت وجهو ۽ ٻين جي معاملات جي ٽاڙ ۾ نہ رهو، اِن شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ بدگُماني پيدا ئي ڪا نہ ٿيندي. شفيع المذنبين، رحمة للعٰلمين صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: ”ماڻهن کان منهن موڙيو ڇا توهان نہ ٿا ڄاڻو تہ جيڪڏهن توهان ماڻهن ۾ شڪ جي پويان لڳندؤ تہ انهن کي

فساد ۾ وجهندؤ.“ (المعجم الكبير، الحديث ٧٥٩، ج ١٩، ص ٣٦٥)

## سلامتي جي واٽ:

حافِظ ابو نُعَيم اصفهاني عليه رحمة الله الوالي (اَلْمُتَوَفّٰي ٤٣٠ھ) حِليَةُ الاولياء ۾ لکن ٿا: حضرت سيّدنا بکر بن عبد الله رحمة الله تعالى عليه جڏهن ڪنهن پوڙهي ماڻهو کي ڏسندا هئا ته فرمائيندا هئا: ”هي مون کان بهتر آهي ۽ مون کان پهريان اللّٰه تعالیٰ جي عبادت ڪرڻ جو شرف رکي ٿو.“ ۽ جڏهن ڪنهن نوجوان کي ڏسندا هئا ته فرمائيندا هئا: ”هي مون کان وڌيڪ بهتر آهي ڇو جو منهنجا گناهہ انهيءَ کان ڪيترا ڀيرا زياده آهن“ ۽ فرمائيندا هئا: ”اي ڀائرو! توهان تي اهڙي اَمر جو اِختيار ڪرڻ لازم آهي جو جنهن ۾ اوهان دُرُست هجو ته اَجر و ثواب جا حقدار ٿيندؤ ۽ جيڪڏهن توهان خطا تي هجو ته گنهگار نہ ٿيندؤ ۽ هر اهڙي ڪم کان بچو جو جيڪڏهن توهان انهيءَ ۾ دُرُست هجو ته توهان کي اجر نہ ملي ۽ جيڪڏهن توهان انهيءَ ۾ خطا جا مُرتَڪب ٿي وڃو ته گنهگار ٿيو.“ انهيءَ کان پڇيو ويو: ”اهو ڇا آهي؟“ فرمايائون: ”ماڻهن سان بدگُماني رکڻ ڇو جو جيڪڏهن توهان جو گمان دُرُست ثابت ٿيو ته بہ توهان کي اجر و ثواب نہ ملندو پر جيڪڏهن گُمان غلط ثابت ٿيو ته گنهگار ٿيندؤ.“

(حلية الاوليآء ج ٢، ص ٢٥٧، الحديث ٢١٤٣)

## حسنِ ظن ۾ ڪو گُناهہ ناهي:

اميرِ اهلِسنّت حضرت علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس

عطّار قادري دامت برکاتهم العاليه فرمائن ٿا: حُسنِ ظن ۾ ڪو نقصان نہ آهي، ۽ بدگُماني ۾ ڪو فائدو ڪونهي.“

**اٺون علاج:**

جڏهن بہ ڪنهن جي باري ۾ بدگُماني پيدا ٿئي تہ پاڻ کي هن طرح سمجهايو تہ مون تي انهيءَ جي باطني حالات جي تَفتِيش واجِب ناهي، جيڪڏهن هي واقعي انهيءَ شيءِ ۾ مُبتِلا آهي جيڪا منهنجي دِل ۾ آئي آهي تہ هي انهيءَ جو ۽ انهيءَ جي ربّ عَزَّوَجَلَّ جو معاملو آهي ۽ جيڪڏهن انهيءَ شيءِ کان محفوظ آهي تہ مان بدگُماني ۾ مُبتِلا رهي ڪري عذابِ نار جو حقدار ڇو بڻجان. حضرت طلحہ بن عبد الله رضي الله تعالی عنه کان مروي آهي تہ نبي مُڪرّم، نُورِ مُجسّم، رسول اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ تَعَالَى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ”بيشڪ ظن غلط بہ ٿي سگهي ٿو ۽ صحيح بہ.“ (الدر المنثور ج ٧، الحجرات تحت الآية ١٢، ص ٥٦٥)

حُجّةُ الاِسلام اِمام محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي (اَلْمُتَوَفّٰي ٥٠٥هـ) فرمائن ٿا: ”جڏهن توهان جي دِل ۾ ڪنهن جي باري ۾ بدگُماني ٿئي تہ توهان کي گهرجي تہ انهيءَ جي طرف ڌيان نہ ڏيو ۽ انهيءَ ڳالهہ تي مضبوطي سان قائم رهو تہ انهيءَ شخص جو حال توهان کان پوشيده آهي ۽ جيڪو توهان انهيءَ جي باري ۾ ڏٺو آهي انهيءَ ۾ سُٺي ۽ بُري ٻنهي ڳالهين جو احتمال آهي.“ (احياء علوم الدين، كتاب آفات اللسان، ج ٣، ص ١٨٦)

علّامہ عبد الغني نابلسي عليه رحمة الله القوي (اَلْمُتَوَفّٰي ١١٤٣هـ) لکن ٿا: جڏهن ڪنهن مسلمان جو حال لِڪل هجي (يعني انهيءَ

جي نيڪ هجڻ جو اِحْتِمال هجي ۽ بد هئڻ جو بہ) تہ انهيءَ سان حُسنِ ظن رکڻ مُسْتَحَبّ ۽ انهيءَ جي باري ۾ بدگُماني حرام آهي. ۽ جڏهن معاملو گهڻو پيچيده ٿي وڃي (يعني نہ حُسنِ ظن رکي سگهجي ۽ نہ ئي بدگُماني جي شرعي اجازت جا شرط هجن) تہ مَظنون کي انهيءَ حال تي ڇڏي ڏيڻ واجب آهي خصوصًا انهيءَ وقت جو جڏهن ظاهري طور تي عادل (نيڪ) هجي.

(الحديقة الندية ج ٢، ص ١٦،١٧ ملخصًا)

## سڄي سال جي محرومي

حضرت سيّدنا مکحول دمشقي عليه رحمة الله القوي فرمائن ٿا: ”جڏهن توهان ڪنهن کي روئندو ڏسو تہ توهان بہ روئو ۽ انهيءَ کي رياڪاري نہ سمجهو مان هڪ دفعي ڪنهن شخص جي باري ۾ هي خيال ڪيو تہ مان هڪ سال تائين روئڻ کان محروم رهيس.“ (تنبيه المغترين، باب رقة قلوبهم و كثرة بكائهم، ص ١٠٧)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب!    صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## نائون علاج:

پنهنجي دِل کي سُنو رکڻ جي ڪوشش ڪيو انهيءَ جي لاءِ يادِ موت ۽ فِڪرِ آخرت ڪرڻ بيحد مُفيد آهي. اعلىٰ حضرت، اِمامِ اهلِسنّت، عظيم المَرتَبت، پروانۂ شمعِ رِسالت، الشاه مولانا احمد رضا خان عليه رحمة الرحمٰن (اَلْمُتَوَفّٰي ١٣٤٠ه) فتاوىٰ رضويہ جلد 20 صفحي 231 تي حضرت سيّدنا عارف بالله احمد زرّوق رحمة الله تعالى عليه جو قول نقل فرمائن ٿا: ”خبيث گُمان خبيث دِل مان نڪرندو آهي.“ (الحديقة الندية، الخلق الرابع و العشرون، ج ٢، ص ٨)

## ڏهون علاج:

جڏهن بہ ڪنهن اِسلامي ڀاءُ جي باري ۾ دِل ۾ بدگُماني ٿئي تہ انهيءَ جي لاءِ دُعاءِ خير ڪيو ۽ انهيءَ جي عزت و اڪرام ۾ اضافو ڪيو. حُجَّةُ الاِسلام اِمام محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي (اَلْمُتَوَفّٰي ۵۰۵هـ) ارشاد فرمائن ٿا: ”جڏهن توهان جي دِل ۾ ڪنهن مسلمان جي باري ۾ بدگُماني ٿئي تہ توهان کي گهرجي تہ انهيءَ جي رعايت ۾ اضافو ڪيو ۽ انهيءَ جي لاءِ دُعاءِ خير ڪيو، ڇو جو اها شيءِ شيطان کي ڪاوڙ ڏياريندي آهي ۽ انهيءَ کي توهان کان پري ڀڄائيندي آهي. شيطان وري توهان جي دِل ۾ بُرو گُمان نہ وجهندو جو ڪٿي توهان وري پنهنجي ڀاءُ جي رعايت ۽ انهيءَ جي لاءِ دُعاءِ خير ۾ مشغول نہ ٿي وڃو.“

(احياء علوم الدين،كتاب آفات اللسان، ج ٣، ص ١٨٧)

## يارهون علاج:

دِل جي مُحَاسِبي ۾ ڪڏهن غفلت نہ ڪيو نہ تہ شيطان مسلسل ڪوشش جي ذريعي آخرڪار بدگُماني ۾ مُبۡتِلا ڪرائي سگهي ٿو. حُجّةُ الاِسلام اِمام محمد غزاليعليه رحمة الله الوالي (اَلْمُتَوَفّٰي ۵۰۵هـ) لکن ٿا: ”شيطان بعض اوقات معمولي حيلي سان انسان جي دِل ۾ ماڻهن جي بُراين کي پُختو ڪندو آهي ۽ انهيءَ کي باور ڪرائي ٿو تہ ”(انهن بُراين تائين پهچي وڃڻ) توهان جي سمجهداري ۽ عقل جي تيزي جي ڪري آهي ۽ مؤمن تہ الله عَزَّوَجَلّ جي نور سان ڏسندو آهي.“ حالانڪ حقيقت ۾ اهو شخص شيطان جي ڌوڪي ۾ هوندو آهي. (احياء علوم الدين،كتاب آفات اللسان، ج ٣، ص ١٨٧)

## ٻارهون علاج:

مَدَني مُنّا ۽ مَدَني مُنّي! بدگُماني جي بچڻ جي لاءِ ذِڪر ڪيل اُمور سان گڏ رُوحاني علاج ۾ ڪيو:

### "بِسمِ الله" جي ستن اکرن جي نسبت سان 7 رُوحاني علاج

(i) جڏهن ڪنهن جي مُتعلّق بدگُماني محسوس ٿئي ته "اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ" هڪ ڀيرو پڙهڻ کان پوءِ کابي ڪلهي جي طرف ٽي ڀيرا ٿُو ٿُو ڪري ڇڏيو.

(ii) روزانه ڏهه ڀيرا "اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ" پڙهڻ واري تي شيطان کان حفاظت جي لاءِ الله عَزَّوَجَلَّ هڪ فرشتو مقرر ڪندو آهي. (مسند ابی یعلیٰ، مسند انس بن مالک، الحدیث ۴۱۰۰، ج ۳، ص ۴۰۰ ملخصًا)

(iii) سورةُ الاِخلاص يارهن ڀيرا صبح (آڌي رات ڍلڻ کان پوءِ سج جي پهرين ڪرڻي جي چمڪڻ تائين صبح آهي) پڙهڻ واري تي جيڪڏهن شيطان لشڪر سان گڏ ڪوشش ڪري ته انهيءَ کان گُناهه ڪرائي نه سگهندو جيستائين جو اهو پاڻ نه ڪري. (الوظيفة الكريمة، الاذكار الصباحية، ص ۱۸)

(iv) سورةُ النّاس پڙهڻ سان ب وسوسا دور ٿي وڃن ٿا.

(v) جيڪو صبح ۽ شام ايڪيهه ايڪيهه ڀيرا "لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ" پاڻي تي دم ڪري پي ڇڏي ته ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ شيطاني وسوسي کان گهڻي حد تائين امن ۾ رهندو.

(مراة المناجيح، باب الوسوسة ج ۱، ص۸۷)

(vi) ''هُوَ الْاَوَّلُ وَ الْاٰخِرُ وَ الظَّاهِرُ وَ الْبَاطِنُ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْم'' چوڻ سان فورًا وسوسو دُور ٿي ويندو آهي.

(vii) سُبْحٰنَ الْمَلِكِ الْخَلَّاقِ ط ﴿اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَاْتِ بِخَلْقٍ جَدِيْدٍ ط وَّمَا ذٰلِكَ عَلَى اللّٰهِ بِعَزِيْزٍ ٥﴾ جي ڪثرت ان (يعني وسوسي) کي پاڙئون پٽي ڇڏي.

(فتاوىٰ رضويه تخريج شده، ج ١، ص ٧٧٠)

## ڪوشش جاري رکو

مٺا مٺا اِسلامي ڀائرو! جيڪڏهن وِرد ۽ وظيفا پڙهڻ ۽ ٻيون اِحتياطي تدبيرون اِختيار ڪرڻ جي باوُجُود بدگُماني جي مرض کان جان نہ ڇٽي تہ گهبرايو نہ بلڪ مسلسل ڪوشش جاري رکو. حضرت سيّدنا اِمام محمد غزالي عليه رحمة الله الوالي (اَلْمُتَوَفّٰي ٥٠٥ھ) فرمائن ٿا: ”جيڪڏهن توهان محسوس ڪيو تہ شيطان، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ کان پناهہ وٺڻ جي باوُجُود توهان جو پيڇو نہ ٿو ڇڏي ۽ غالب اچڻ جي ڪوشش ڪري ٿو تہ انهيءَ جو مطلب هي آهي تہ الله عَزَّوَجَلَّ کي اسان جي مجاهدي، اسان جي قوت ۽ صبر جو امتحان مقصود آهي يعني الله تعالىٰ آزمائي ٿو تہ توهان شيطان جو مقابلو ۾ جنگ ڪيو ٿا يا مغلوب ٿيو ٿا.“

(منهاج العابدين، العائق الثالث: الشيطٰن، ص ٤٦، ملخصًا)

## ٻين کي بدگُماني کان بچايو

مٺامٺا اِسلامي ڀائرو! پنهنجي پاڻ کي بدگُماني کان بچائڻ سان گڏوگڏ اهڙن ڪمن کان بچو جن جي سبب ٻين جي بدگُماني ۾ مبتلا ٿيڻ جو انديشو هجي. حضرت سيّدنا ابن عمر رضي الله تعالى

عنهما كان مروي آهي تہ حضورِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ، سيّاحِ اَفلاڪ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان نصيحت نشان آهي: ”جڏهن ٽي ماڻهو هجن تہ ٽئين کي ڇڏي ڪري ٻہ ماڻهو سرگوشي نہ ڪن.“ (صحيح البخاري، كتاب الاستئذان، الحديث ٦٢٨٨، ج ۴، ص ١٨٥)

حضرت سيّدنا ملّا علي قاري عليه رحمة الله الباري (اَلْمُتَوَفّٰي ١٠١۴ھ) انهيءَ حديث جي تَحت لکن ٿا: ”تان جو اهو هي گُمان نہ ڪري جو هي ٻئي انهيءَ جي خلاف سرگوشي ڪري رهيا آهن.“

(مرقاة المفاتيح، كتاب الآداب، ج ٨، ص ٢٩٩)

انهيءَ جي علاوه جڏهن اوهان محسوس ڪيو تہ اوهان جي ڪنهن فعل جي بنا تي ڪو بدگُماني ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو تہ انهيءَ جي رُڪاوٽ جي ترڪيب ڪيو.

## ”مَدَد“ جي ٽن اکرن جي نسبت سان پين ڪي بدگُماني کان بچائڻ جون ٽي حڪايتون

### (1) هي منهنجي گهر واريءَ آهي

حضرت سيّدنا علي بن حسين رضي الله تعالى عنه کان مروي آهي تہ اللهعَزَّوَجَلَّ جي مَحبوب، داناءِ غُيُوب، مُنَزَّهٌ عَنِ الْعُيُوْبِ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد ۾ (مُعۡتَكِف) هئا ۽ اوهان وٽ اَزواجِ مُطهّرات موجود هيون. اهي پنهنجي ڪمرن ۾ هليون ويون تہ پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت سيِّدتنا صفيہ رضي الله تعالى عنها کي فرمايائون: ترسو مان بہ (ٿورو پري تائين) توهان سان گڏ هلان ٿو. پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن سان گڏ هليا تہ ٻہ اَنصاري صحابي مليا جيڪي اوهان کي ڏسي ڪري اڳتي وڌيا، پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن ٻنهي کي

سڏي ڪري ارشاد فرمايو: ”هي (منهنجي گهرواري) صفيہ بنت حيي آهي.“

انهن عرض ڪيو: ”سُبحٰن اللهعَزَّوَجَلَّ! يا رسول الله صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (يعني هي ڪيئن ٿي سگهي ٿو جو اسان اوهان سان بدگُماني ڪيون). پاڻ صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”شيطان، انسان جي جسم ۾ خون وانگر ڊوڙندو آهي مان خوف محسوس ڪيو تہ ڪٿي اهو توهان جي دِل ۾ ڪو وَسوَسو نہ وجهي ڇڏي.“ (صحيح البخاري، ڪتاب الاعتڪاف، باب زيارة المراة ...الخ، الحديث ٢٠٣٨، ج ١، ص ٦٦٩)

شارِح بُخاري علاّمہ ابن حَجَر عَسقلاني عليه رحمة الله الغني (اَلْمُتَوَفّٰی ٨٥٢ھ) فتح الباري ۾ لکن ٿا: ”انهيءَ حديث مان معلوم ٿيو تہ اهڙي ڪمن کان بچيو وڃي جيڪي ڪنهن کي بدگُماني ۾ مبتلا ڪري سگهندا هجن. عُلَمَاء و مُقْتَدیٰ هستين کي تہ خاص ڪري هر انهيءَ ڪم کان بچڻ گهرجي جنهن جي ڪري ماڻهو انهيءَ کان بد ظن ٿي وڃن جيتوڻيڪ انهيءَ ڪم ۾ انهن جي لاءِ خُلاصي جي واٽ موجود هجي ڇو جو بدظن هئڻ جي صورت ۾ ماڻهو انهيءَ جي علم مان نفعو نہ وٺي سگهندا.

(فتح الباري، الحديث ٢٠٣٥، ج ٤، ص٢٤٢)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ تَعَالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## (2) اَرَنڊي جو تيل

مَلِکُ العلماء مولانا محمد ظفر الدين بهاري عليه رحمة الله الهادي (اَلْمُتَوَفّٰی ١٣٨٢ھ) ”حياتِ اعلیٰ حضرت رحمة الله تعالی عليه“ ۾ لکن ٿا: مولانا سيّد ايوب علي عليه رحمة الله الغني جو بيان آهي برسات جي

موسم هئي، عشاء جي وقت هوا جا تيز جهونڪا، مسجد جي ڪڙي تيل جي ڏيئي کي هر هر وسائي ڇڏين پيا، جنهن کي روشن ڪرڻ ۾ مينهن جي ڪري سخت دِقت (تڪليف) ٿئي پئي. ۽ انهيءَ جو سبب هي بہ هو تہ مسجد جي ٻاهر ڏيئو سرائي ٻارڻ جو حڪم هو. انهيءَ زماني ۾ ناروي جي ڏيئو سرائي استعمال ڪئي ويندي هئي. جنهن جي روشن ڪرڻ ۾ گنڌڪ (بارود) جي ڏپ نڪرندي هئي، انهيءَ لاءِ انهيءَ تڪليف کي ختم ڪرڻ لاءِ حضور جي خاص خادم حاجي ڪفايت اللّٰہ صاحب هي ڪيو تہ ”هڪ لالٽين (بتي) ۾ معمولي شيشو لڳائي ڪُپي ۾ اَرَنڊي جو تيل وڌو ۽ روشن ڪري امامِ اهلسنّت اعلیٰ حضرت مولانا احمد رضا خان علیہ رحمۃ الرحمٰن سان گڏ مسجد جي اندر ڪٽي ڪري رکي ڇڏي.“

ٿوري دير گذري تہ اعلیٰ حضرت علیہ رحمۃ الرحمٰن جي نظر انهيءَ تي پئي، ارشاد فرمايائون: ”حاجي صاحب! اوهان هي مسئلو ڪٿي پيرا ٻڌو هوندو تہ ”مسجد ۾ بدبودار تيل نہ ٻاريو وڃي.“ انهن عرض ڪيو: ”حضور! انهيءَ ۾ اَرَنڊِي جو تيل آهي.“ فرمايائون: ”واٿهڙو ڏسي ڪري ڪيئن سمجهندا تہ انهيءَ لالٽين (بتي) ۾ اَرَنڊِي جو تيل ٻري رهيو آهي؟ اهي تہ هي چوندا تہ ٻين کي فتویٰ ڏني وڃي ٿي تہ مٽي جو بدبودار تيل مسجد ۾ نہ ٻاريو ۽ پاڻ مسجد ۾ لالٽين ٻارائي رهيا آهن. هائو! جيڪڏهن اوهان برابر هي چوندا رهو تہ انهيءَ لالٽين ۾ اَرَنڊِي جو تيل آهي، تہ ڪا ڳالهہ ناهي.“ اهڙي طرح حاجي صاحب

جلدي ۾ انهيءَ لالٽين کي وِسائي مسجد مان ٻاهر رکي ڇڏيو.
(حياتِ اعلى حضرت رحمة الله تعالى عليه، ج ١، ص ١۴٩)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## (3) هي آبِ زم زم آهي

هڪ ڀيري تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مجلس المدينة العلمية ۾ تَخَصُّص في الفِقہ جا اِسلامي ڀائر، اميرِ اهلِسنّت حضرت علّامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دامت برکاتهم العاليه جي خدمت ۾ حاضر ٿيا. انهيءَ دؤران پاڻ دامت برکاتهم العاليه ٻيهي ڪري پاڻي پيتو. پوءِ وضاحت ڪندي ڪجھ هن طرح سان فرمايائون تہ ”هي آبِ زم زم آهي، انهيءَ لاءِ مون ٻيهي ڪري پيتو ۽ اوهان کي ٻڌائڻ ۾ منهنجي هڪ نيّت هي بہ آهي تہ ڪٿي ڪو اِسلامي ڀاءُ بدگُماني ۾ مُبتلا نہ ٿئي.“

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰى عَلٰى مُحَمَّد

## مدني ماحول اپنايو

**مٺامٺا اِسلامي ڀائرو!** بدگُماني ۽ ٻين ظاهري ۽ باطني عيبن مان جان ڇڏائڻ جي لاءِ تبليغِ قرآن و سنّت جي عالمگير غير سياسي تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مَدَني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. ان شآءَ اللهعَزَّوَجَلَّ مَدَني ماحول جي بَرَڪت سان اعلىٰ اخلاقي اوصاف غير محسوس طور تي اوهان جي ڪردار جو حصو بڻجي ويندا. پنهنجي شهر ۾ ٿيڻ واري دعوتِ

اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀريي اِجتماع ۾ شرڪت ۽ راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ وارن عاشقانِ رسول جي مَدَني قافلن ۾ سفر ڪيو. انهيءَ مَدَني قافلن ۾ سفر جي بَرَڪت سان پنهنجي پهرين واري زندگي گذارڻ جي انداز تي غور و فڪر جو موقع ملندو ۽ دِل حُسنِ عاقبت جي لاءِ بيچين ٿي ويندي. جنهن جي نتيجي ۾ گُناهه ڪرڻ جي ڪثرت تي پشيماني محسوس ٿيندي ۽ توبہ جي توفيق ملندي. عاشقانِ رسول جي مَدَني قافلن ۾ مسلسل سفر ڪرڻ جي نتيجي ۾ زبان تي فحش ڪلامي ۽ فضول گوئي جي جڳهه دُرُودِ پاڪ جاري ٿيندو، هي تلاوتِ قرآن، حمدِ الٰهي ۽ نعتِ رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عادي بڻجي ويندي. ڪاوڙ جي عادت ختم ٿي ويندي ۽ انهيءَ جي جڳهه نرمي جي عادت ٿي ويندي، بي صبري جي عادت ڇڏي صابر و شاڪر رهڻ نصيب ٿيندو، بدگُماني جي بُري عادت نڪري ويندي ۽ حُسنِ ظن جي عادت بڻجي ويندي، تَڪَبُّر مان جان ڇُٽي ويندي ۽ اِحترام مُسلم جو جذبو ملندو، دُنياوي مال و دولت جي لالچ کان پيڇو ڇٽي پوندو ۽ نيڪين جو حرص ملندو، الغرض بار بار راهِ خدا عَزَّوَجَلَّ ۾ سفر ڪرڻ وارن جي زندگي ۾ مَدَني اِنقلاب برپا ٿي ويندو. ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ.

## فيشن ايبل نوجوان جي توبہ

شيخِ طريقت اميرِ اهلِسنّت حضرت علّامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دامت برڪاتهم العاليه پنهنجي مشهورِ تاليف **"فيضانِ سنّت"** جلد اول جي صفحي 93 تي لکن ٿا:

ڪلڪتہ (هند) جي هڪ اِسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو عرض ڪيان ٿو، انهيءَ جو چوڻ آهي: مان سنّتن ڀريي زندگي کان گهڻو پري هڪ فيشن ايبل نوجوان هئس، هڪ رات گهر جي طرف ايندي واٽ تي سبز سبز عمامن جون بهارون نظر آيون، ويجهو ٿيس تہ خبر پئي تہ بمبئي کان دعوتِ اِسلامي وارن عاشقان رسول جو هڪ مَدَني قافلو آيو آهي جنهن جي سبب هتي سنّتن ڀريو اجتماع ٿي رهيو آهي، منهنجي دِل ۾ آيو تہ هي ماڻهو ڏگهو سفر ڪري اسان جي شهر ڪلڪتي آيا آهن، انهن کي ٻڌڻ گهرجي. انهيءَ لاءِ اجتماع ۾ شريڪ ٿيس، اِختتام تي انهن مڪتبة المدينة جا شايع ٿيل رسالا ورهائڻ شروع ڪيا، خوش قسمتي سان هڪ رسالو منهنجي هٿ ۾ بہ اچي ويو. انهي تي لکيل هو "خوفناڪ اُٺ" مان گهر آيس، سُياڻي پڙهندس هي ذهن ٺاهي رسالي رکي ڇڏيو ۽ سُمهڻ جي تياري ڪرڻ لڳس، سُمهڻ کان اڳ ائين ئي رسالي خوفناڪ اُٺ جو جڏهن ورق ورايا تہ منهنجي نظر انهيءَ عبارت تي پئي: **"شيطان لک سستي ڏياري پر هي رسالو ضرورو پڙهو** ان شآءَ الله عَزَّوَجَلَّ **اوهان جي اندر مَدَني اِنقلاب برپا ٿيندو."** انهي جملي منهنجي زبردست رهنمائي ڪئي مون سوچيو، واقعي شيطان مون کي هي رسالو ڪٿي پڙهڻ ڏيندو، نيڪي ۾ دير نہ ڪرڻ گهرجي، هن کي هينئر ئي پڙهڻ گهرجي، هي سوچي مون پڙهڻ شروع ڪيو، انهيءَ پاڪ پَرْوَرْدگارعَزَّوَجَلَّ جو قسم جنهن جي دربار عالي ۾ حاضر ٿي ڪري قيامت جي ڏينهن حساب ڏيڻو پوندو! جڏهن مون رسالو

خوفناڪ اُٺ پڙهيو تہ انهيءَ ۾ ڪُفّار نابڪار جي طرفان حضورِ پاڪ، صاحبِ لَولاڪ، سيّاحِ افلاڪ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪيل مَظالم جو پُرسوزِ بيان پڙهي مان رُوئڻهارڪو ٿي ويس، منهنجي ننڊ ختم ٿي وئي، ڪافي دير تائين مان روئندو رهيس. رات و رات مون پڪو اِرادو ڪيو تہ صبح هٿو هٿ مَدَني قافلي ۾ سفر ڪندس. جڏهن صُبح والدين جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ انهن خوشي سان اجازت ڏني ۽ مان ٽن ڏينهن جي لاءِ عاشقانِ رسول سان گڏ مَدَني قافلي جو مُسافر بڻجي ويس قافلي وارن مون ڪي بدلائي ڇا مان ڇا بڻائي ڇڏيو!

اَلْحَمْدُلِلّٰه عَزَّوَجَلَّ مان نَمازي بڻجي ڪري واپس موٽيس، سبز عمامي جي تاج سان مٿو سر سبز ٿي ويو، بدن مَدَني لباس سان سينگارجي ويو، منهنجي ماءُ جڏهن مون ڪي تبديل ٿيندي ڏٺو تہ بيحد خوش ٿي ۽ گهڻين دُعائن سان نوازيو، عزيز ۽ مائٽ سيئي مون ڪان خوش ٿيا، اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَزَّوَجَلّ اڄڪلهہ دعوتِ اِسلامي جي هڪ تَحصِيل مُشاورت جو خادم (نگران) جي حيثيت سان وس آهر سنّتن جي ڌومن مچائڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان.

عاشقانِ رسول لائے جنت کے پھول      آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو
بھاگتے ہیں کہاں آ بھی جائیں یہاں      پائیں گے جنتیں قافلے میں چلو

(فيضانِ سُنت، باب آدابِ طعام ج ۱، ص ۹۳)

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!      صَلَّی اللّٰهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

اَلْحَمْدُلِلّٰہعَزَّوَجَلَّ! سنّتن ڀري زندگي گذارڻ لاءِ عبادات و اخلاقيات جي تعلّق سان امیرِ اهلسنّت، شيخِ طريقت، بانيءِ دعوتِ اِسلامي حضرت علّامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري رضوي دامت برڪاتهم العاليه اِسلامي ڀائرن لاءِ 72، اِسلامي ڀينرن لاءِ 63 ۽ علمِ دين جي طالبن لاءِ 92، ديني طالبات لاءِ 83 ۽ مَدَني مُنّن ۽ مُنّين لاءِ 40 مَدَني انعامات، سُوالات جي صُورت ۾ مُرتّب ڪيا آهن. انهن مَدَني انعامات کي اپنائڻ کان بعد نيڪ بڻجڻ جي واٽ ۾ ايندڙ رُڪاوٽون، الله تعالیٰ جي فضل و ڪرم سان آهستي آهستي ختم ٿي وينديون ۽ انهن جي بَرَڪت سان پابندِ سنّت بڻجڻ، گناهن کان نفرت ڪرڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ ڪُڙهڻ جو ذهن بڻجي ٿو. اسان سڀني کي گهرجي تہ باڪردار مسلمان بڻجڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ مان مَدَني اِنعامات جو ڪارڊ حاصل ڪيون ۽ روزانو فڪرِ مدينہ (يعني پنهنجو مُحاسبو) ڪندي ڪارڊ ڀريون ۽ هر مَدَني يعني قمري مهيني جي ابتدائي ڏهن جي اندر اندر پنهنجي اُتي جي مَدَني اِنعامات جي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايون. مَدَني انعامات نہ جاڻي ڪيترن اِسلامي ڀائرن ۽ اِسلامي ڀينرن جي زندگين ۾ مَدَني انقِلاب برپا ڪري ڇڏيو آهي! انهيءَ جي هڪ جهلڪ مُلاحِظہ هجي:

## نَمازي بڻجي ويا

نيو ڪراچي جي هڪ اِسلامي ڀاءُ جو ڪجھ هن طرح بيان آهي: علائقي جي مسجِد جي اِمام صاحبِ جيڪي دعوتِ

اسلامي سان وابستہ آھن انھن اِنفرادي ڪوشِش ڪندي منھنجي وڏي ياءُ کي مَدَني انعامات جو ھڪ ڪارڊ تحفي ۾ ڏنو. اھو گھر کڻي آيو ۽ پڙھيائين تہ حيران رھجي ويو جو انھيءَ ننڍڙي ڪارڊ ۾ ھڪ مُسلمان کي اِسلامي زندگي گذارڻ جو ايترو زبردست فارمولو ڏنو ويو آھي! مَدَني انعامات جو ڪارڊ ملڻ جي بَرَڪت سان اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ عَزَّوَجَلَّ انھن کي نَماز جو جذبو مليو ۽ باجماعت نَماز جي ادائگي لاءِ مسجِد ۾ حاضر ٿي ويا ۽ ھاڻي پنجن وقتن جا نَمازي بڻجي چڪا آھن، ڏاڙھي مبارَڪ بہ سينگاري ۽ مَدَني انعامات جو ڪارڊ بہ پريندا آھن.

مَدَنی انعامات کے عامِل پہ ہر دم ہر گھڑی

یاالٰہی! خوب برسا رحمتوں کی تو جھڑی

(فيضانِ سُنت، باب فيضانِ رمضان، فيضانِ ليلة القدر، ج ۱، ص ۱۱۳۳)

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

## ھي رسالو پڙھي ٻين کي ڏئي ڇڏيو

شادي غمي جي تقريبن، اجتماعن، عرسن ۽ ميلاد جي جلوسن وغيرہ ۾ مڪتبۃ المدينہ جا شايع ڪيل رسالا تقسيم ڪري ثواب ڪمايو، گراھڪن کي ثواب جي نيت سان تحفي ۾ ڏيڻ جي لاءِ پنھنجي دڪانن تي بہ رسالا رکڻ جو معمول بڻايو، اخبار جي ھاڪرن يا ٻارن جي ذريعي پنھنجي پاڙي جي گھر گھر ۾ وقفي وقفي سان بدلائي ڪري سنّتن ڀريا رسالا پھچائي نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچايو.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ تَعالٰی عَلٰی مُحَمَّد

